ماھوار
# بيداري
حيدرآباد

شمارو: ٢٤٥ - آڪٽومبر 2015

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03313686186

مجلسِ ادارت
- شيخ محمد يوسف
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راھمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فھرست

| | | |
|---|---|---|
| لاديني عقليت واري سوچ | ڊاڪٽر محمد رفيع الدين | 2 |
| ۽ معاشري تي ان جا اثرات | مسرور حسن چانڊيو | |
| ڪائنات | سنڌيڪار: عبدالھادي ٽيپو | 10 |
| اتفاقي حادثو يا رٿيل منصوبو | | |
| مغربي تھذيب مان مسلمانن کي پھچندڙ نقصان | علامہ محمد اسد | **19** |
| مسلمان امت جي حالت زار | علي اڪبر راھمون | 36 |
| ترقي پسندي جو بنيادي نظريو (مستقل سلسلو) | سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالغفور جمالي | 43 |
| خواجہ محمد زمان لواري وارن جو ڪلام | محمد موسيٰ ڀٽو | 61 |
| ۽ ان جي تشريح | آمنہ حامد زبيدي | |



ڊاڪٽر محمد رفيع الدين
مسرور حسن چانڊيو

پھرين قسط

# لاديني عقليت واري سوچ
## ۽ معاشري تي ان جا اثرات

ھيٺيون مضمون پاڪستان جي ممتاز فلسفي ڊاڪٽر محمد رفيع الدين جي مقالي تي ٻڌل آھي. اھو مقالو ڊاڪٽر صاحب حيدرآباد ۾ ھڪ ڪانفرنس ۾ پڙھيو ھو. اھا ڪانفرنس 193ع تي ھئي. ھي مقالو انتھائي اھم نوعيت جو آھي. ڊاڪٽر صاحب جي انھي انگريزي مقالي جو سنڌي ترجمو اسان جي دوست پروفيسر مسرور حسن چانڊيي صاحب ڪيو آھي.

محترم مسرور حسن چانڊيو صاحب، سنڌي نوجوانن ۾ غيرمعمولي ذھانت جو رکندڙ صاحب آھي. سندس مطالعي جي وسعت، حالتن ۽ واقعن مان نتيجن ڪڍڻ جي صلاحيت ۽ ذھانت حيرت انگيز آھي، انگريزي ۾ لکيل ھھڙي مشڪل مقالي جو آسان سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ڪري، مسرور حسن صاحب سنڌي ٻوليءَ کي قيمتي مواد فراھم ڪيو آھي، جنھن لاءِ اسين سندس دل جي گھراين سان ٿورائتا آھيون ۽ دعا گو پڻ. **(ادارو)**

جنهن ڪائنات ۾ اسين رهون ٿا ۽ جنهن جو مطالعو ڪريون ٿا، اها ٽن مجيل سطحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مادي جي دنيا، زندگي جي دنيا ۽ ذهن واري دنيا شامل آهي. انهي سان گڏو گڏ علم جا پڻ ٽي طبقا آهن، جيڪي انهن ڪائناتي حقيقن سان مطابقت رکن ٿا.

1 مادي دنيا يا طبعياتي علم، جنهن ۾ طبعيات، ڪيميا، ارضيات ۽ فلڪيات جا علم شامل آهن .

2 زندگي يا حياتيات جو علم، جنهن ۾ نباتات، حيوانات ۽ ان سان تعلق رکندڙ سمورا علم شامل آهن.

3 ذهني يا نفسياتي علمن جي سائنس، جنهن کي عام طور تي انساني يا معاشرتي علم سان ياد ڪجي ٿو، انهن علمن کي مجموعي طور معاشرتي فلاسفي يا انساني انفرادي ۽ اجتماعي حرڪتن واري فلسفي سان سڏجي ٿو، ان ۾ سياسيات، اخلاقيات، معاشيات، تاريخ، فنون لطيف، تعليم ۽ انفرادي ۽ معاشرتي نفسيات وارا سمورا علم شامل آهن، اهي سڀئي علم نہ فقط اهو تہ هڪ ئي موضوع يعني، انساني سائنسي علم جون مختلف شاخون آهن، بلڪ هنن کي هڪ ٻئي کان ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ اهي ڪٿي نہ ڪٿي هڪ ٻئي سان ملن ٿا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انسان يا انساني نفسيات جي علمن جي وضاحت ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هڪ سياسي انسان، ساڳئي وقت معاشي، اخلاقي، دانشوري ۽ جمالياتي خاصيتن جو مجموعو ٿئي ٿو.

مغربي دانشورن مادي علمن ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي. اهي ڄاڻن ٿا تہ ايٽم کي ڪيئن ٽوڙجي، انهي ۾ موجود مخفي توانائي کي استعمال ڪندي، هيرو شيما جهڙي شهر کي اک ڇنب ۾ تباهہ



ڪري سگهجي ٿو. اهي اهو بہ ڄاڻين ٿا تہ زمين مٿان خلا ۾ ڪيئن اڏامجي ۽ زهرهہ جهڙي گرهہ جي سطح جون تصويرون ڪيئن وٺجن، البتہ حياتياتي علمن جي ميدان ۾ سندن ترقي، ڪا خاص اطمينان بخش ناهي، پر ان جي باوجود اهي دعويٰ ڪن ٿا تہ، اها ايتري ضرور آهي، جو انهن کي اها ان ميدان ۾ مڪمل لا علمي کان بچائي ٿي، پر انساني علم واري ميدان ۾ حالت ڪافي مايوس ڪندڙ آهي، جتي مغربي دانشور افسوس ڪندي نظر اچن ٿا. اهي ٽن نقطن تي مايوسي جو اظهار ڪندي نظر اچن ٿا.

1 - انساني ۽ معاشرتي علمن جي حالت هن وقت غير منظم آهي، هنن مان ڪنهن بہ علم هن وقت تائين هم آهنگي يا عقلي استحڪام حاصل نہ ڪيو آهي، جنهن ڪري انهن عملن کي هڪ مڪمل سائنسي علم وارو درجو ڏئي سگهجي.

2 - انهن علمن جي ترقي ۽ منظم طريقي جي هن وقت انسان ذات کي اشد ضرورت آهي، جيڪڏهن انهي ضرورت کي جلد پورو نہ ڪيو ويو تہ مغربي تهذيب نہ فقط اهو تہ ڪمزور ٿي ويندي، بلڪ مڪمل زوال جو پڻ شڪار ٿي ويندي.

3 انهن سائنسي علمن جي ترقي ۽ منظم طريقي جي نہ ٿيڻ جي ڪري، انساني فطرت کي صحيح نموني نہ سمجهڻ ۽ ان متعلق مناسب نقطہ نگاهہ نہ رکڻ آهي .

اهڙي مايوس ڪندڙ حالت بابت ڪيترن تي مغربي ڏاهن جا پڻ حوالا ڏئي سگهجن ٿا. ميڪڊوگل ( Mcdougall ) جيڪو هڪ مشهور ماهر نفسيات آهي ۽ جنهن نفسيات متعلق ڪيئي قابل

تعريف ڪتاب لکيا آهن، سو پنهنجي ڪتاب ورلڊ ڪيوس ( Warld cuaos ) ۾ لکي ٿو :

"اسان جي انساني فطرت بابت لاعلمي، انساني علمن جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي ۽ اها رڪاوٽ اڃا برقرار آهي، انساني علمن متعلق ڄاڻ اڄ جي انسان جي شديد ضرورت آهي، جنهن ڄاڻ جي ڪمي ڪري، اسان جي تهذيب نه فقط اهو ته خطري ۾ آهي، بلڪ مڪمل زوال جو پڻ شڪار آهي. اسين نفسيات، معاشيات، سياست، قانون، معاشرتي علمن بابت ته ڳالهيون ڪريون ٿا، پر حقيقت اها آهي ته خوبصورت نالن وارا اهي علم، هڪ خال ڏانهن اشارو ڪن ٿا. جنهن خال کي پرڻ جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته انساني تهذيب ۾ توازن پيدا ٿئي ته ان لاءِ اسان کي انساني فطرت ۽ معاشرتي زندگي بابت اڃا گهڻو علم حاصل ڪرڻو پوندو . انساني تهذيب کي خطري مان ڪيڻ جو علاج اهو آهي ته اسان معاشرتي علمن کي حقيقي انساني علمن جي ذريعي ترقي ڏيون، ڇاڪاڻ ته انهي علمن جي بنياد ڳولهڻ ۽ ان جي لاءِ طريقو مهيا ڪرڻ، اڄ جي شديد ضرورت آهي. پوءِ ان جو علاج ڇا آهي ؟ آئون ان جو مختصر جواب اهو ڏيندس ته جيڪڏهن آئون هڪ جابر حڪمران هجان ها ته طبعيات جي ميدان جي دانشورن کي هر طرح سان مجبور ڪريان ها ته اهي انساني علمن بابت تحقيق ڪن.

اسڪنر (Skinner ) جيڪو پڻ هڪ مشهور ماهر نفسيات آهي، سو ميڪڊوگل جي تائيد ڪندي لکي ٿو.

"سائنس عروج ۽ زوال مان ٿيندي ارتقا جو مرحلو طي ڪيو آهي، ننڍن مسئلن کي ڇڏي، انهن پهرين اسان جو تسلط بي جان شين



مٿان قائم ڪيو آهي، انهن معاشرتي مسئلن کي منهن ڏيڻ جي تياري کان سواءِ اهي علم اسان لاءِ فائدي مند ثابت نه ٿيندا. "

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته مغربي دانشورن، جن مادي ۽ حياتياتي ميدان ۾ بيمثال ترقي ڪئي آهي، اهي انساني معاشرتي ميدان ۾ ڪا خاص ترقي ڪرڻ ۾ ناڪام ڇو آهن، حالانڪ ڪين اهو احساس آهي ته ان ميدان ۾ ترقي نه ڪرڻ جي صورت ۾ سندن تهذيب تباهه ٿي سگهي ٿي؟ ڪهڙو ڪارڻ آهي جو مغربي ڏاهن ايٽم جي اندروني اڻ ڏٺي دنيا کي ته معلوم ڪري ورتو آهي، پر معاشرتي اڻ ڏٺي ايٽم جي ذهن جي دنيا کان ناواقف رهيا آهن، جڏهن ته هن علم جي حقيقت جو ادراڪ به اٿن ۽ ان جي اهميت ۽ ضرورت به محسوس ڪن ٿا، ان جو هڪ حقيقي جواب اهو آهي ته مغربي فڪر هر انهي طبعياتي، حياتياتي ۽ نفسياتي تحقيق جو مخالف آهي، جنهن سان ڪنهن به طريقي سان خدا جي تصور ڏانهن رهنمائي ٿيندي هجي يا جنهن جي نتيجي ۾ خدا بابت ڪو نظريو وجود ۾ ايندو هجي، انهي ذهني سوچ کي لاديني عقليت واري سوچ سان سڏجي ٿو مغربي دانشور چاهي اهي خدا جي وجود جا قائل هجن يا نه هجن اهي سيئي ان معاملي ۾ هڪ جهڙا آهن اهو ته سمجهه ۾ اچي ٿو اها سوچ خدا جي منڪر جي ٿي سگهي ٿي، پر اها سوچ هڪ خدا جي وجود تي ايمان رکندڙ جي ٿي نٿي سگهي، اها ڳالهه حيران ڪندڙ آهي، ڪنهن به شيءِ جو حقيقي علم ان جي مجموعي علم جو حصو هوندو آهي ۽ اسان جي حقيقي خواهش ۽ مقصد پڻ انهي حقيقي علم ڏانهن پهچڻ آهي.

گلاب جو گل محض هڪ وجود آهي، پر هڪ مذهبي انسان لاءِ گلاب جو گل حقيقي خالق جي لامتناهي قوت، ڏاهپ، تخليق، محبت

ءِ خوبصورتي جو اظهار آهي، پر هڪ منڪر خدا لاءِ اهو گلاب جو گل محض فطرت جي مختلف قوتن جي ڪمال جو نتيجو آهي، جيڪي ان گل ۾ ڪارفرما آهن. اسين شايد ڪڏهن بہ ان شي کي محسوس نہ ڪندا هجون، پر اسان هميشہ هر شي جي وجود کي ڪائنات ۾ موجود ڪنهن ٻيءَ جو نتيجو سمجهون ٿا. اسين جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ان جي اصل خالق ڏانهن نسبت نہ ڏيئي سگهون تہ پوءِ فطري مجبوريءِ سبب ان شيء کي ڪنهن ٻي غلط شي ڏانهن منسوب ڪندا آهيون ءِ ان جي نتيجي ۾ اسان جو علم شين جي باري ۾ غلط تصورات تي قائم ٿي ويندو آهي.

بيشڪ اها هڪ حقيقت آهي تہ سائنسدان کي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ هو هر شيء کي فطرت جي قانون واري ڍانچي ۾ بيان ڪري، پر جيڪڏهن خدا هن ڪائنات جو خالق آهي تہ پوءِ ان شيءِ جو انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ خدا جون جمالياتي خاصيتون ڪائنات جي طبعي،حياتياتي ءِ نفسياتي قانون ۾ موجود آهن. جيئن هڪ آرٽسٽ جون سيئي خاصيتون سندس ٺاهيل تصوير مان ظاهر ٿين ٿيون يا جيئن هڪ ٻج جون سيئي خاصيتون وڻ جي پتن، شاخن ءِ گلن ۾ ظاهر ٿينديون آهن. اهڙيءِ طرح فطرت جي قانون ءِ فطرت جي حقيقي خالق کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري سمجهي نہ ٿو سگهجي، علامہ اقبال سولائي سان هيئن بيان ٿو ڪري.

”فطرت محض ماديت جو نالو ناهي، جيڪا ڪنهن خالڪي پُر ڪري، پر اها واقعن جي بيهڪ ءِ، منظم رويي جو اظهار آهي، جيڪا اعليٰ هستي جي جاندار حقيقت آهي. فطرت، اعليٰ هستي جو انساني ڪردار ۾ پنهنجو اظهار آهي ءِ قرآني تصور مطابق خدا جي عادت آهي.“

قرآن جي بنيادي تعليمات ۾ اهو پڻ شامل آهي تہ فطرت ءِ خدا کي ڌار ڌار ڪري سمجهي نہ ٿو سگهجي. قرآن اها هدايت ٿو ڪري



تہ فطرت جو مطالعو خدا جي معرفت جي حاصلات لاءِ ڪيو وڃي ءِ خدا جي عقيدي کي فطرت کي صحيح نموني سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

قرآن جي آيت جو ترجمو:

(ڇا اُهي اُٺ کي نہ ٿا ڏسن تہ اسان اُن کي ڪيئن تخليق ڪيو آهي؟ ءِ آسمانن کي ڪيئن بلند ڪيو آهي؟ ءِ جبلن کي ڪيئن هڪ جاءِ تي بيهاريو ويو آهي ءِ زمين کي ڪيئن پکيڙيو ويو آهي).

فطرت جو مطالعو هڪ خدا تي يقين رکندڙ شخص لاءِ ايترو ئي ضروري آهي، جيترو ٻي ڪا عبادت ڪرڻ، ڇاڪا فرد جيترو ڪائنات کي سمجهندو ، اوتري قدر اهو پنهنجي خالق کي سڃاڻيندو ءِ اُن خالق جي مقصد حيات کي سمجهي سگهندو .

ان في خلق السموات والارض واختلاف الليل والنهار لايات لاولي الباب الذين يذڪرون الله قياما وقعودا وعليٰ جنوبهم ويتفڪرون في خلق السموات والارض ربنا ما خلقت هذا باطلا سبحانڪ فقنا عذب النار.

(زمين ءِ آسمان جي تخليق ءِ ڏينهن ءِ رات جي تبديلي ۾ يقينن سمجهہ وارن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي اٿندي، ويهندي ءِ سمهندي خدا جو ذڪر ڪن ٿا ءِ زمين ءِ آسمانن جي تخليق تي غور ڪن ٿا اهو چون ٿا تہ اي الله، تو ڪائنات کي بيڪار نہ ٺاهيو آهي، سڀ تعريف تنهنجي آهي، اسان کي باهہ جي عذاب کان بچاءِ.

قرآن اِ هو وڏي اعتماد سان چوي ٿو تہ انسان جو علم مادي، حياتياتي ءِ ذهن واري علمن بابت وڌندو ، اوتري قدرجو قرآن جي تعليمات جي صداقت ۾ واڌارو ٿيندو ءِ پنهنجي اصل خالق سان محبت پيدا ٿيندي ءِ ان جي عبادت جي فضا پيدا ٿيندي.

سنريهم آيتنا في الافاق وفي انفسهم حتي يتبين لهم انه الحق.

(اسان جلد انهن کي پنهنجون نشانيون دنيا ۾ ڏيکاريندا سين ايستائين جو انهن تي حق واضح ٿي ويندو.)

ان جو مطلب اهو آهي تہ قانون فطرت جيڪو مادي زندگي ۽ ان جي ذهن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، انهي ذريعي قرآن جي حقانيت انهن مٿان واضح ٿي وڃي. قرآن، انسان ذات کي تنبيهہ ٿو ڪري تہ جيڪڏهن انهن اکين ڪنن ۽ سوچڻ واري صلاحيت کي صحيح استعمال نہ ڪيو تہ پوءِ اُهي جهنم ۾ داخل ٿيندا. (هلندڙ)



سنڌيڪار: عبدالهادي ٿيبو

# ڪائنات

## اتفاقي حادثو يا رٿيل منصوبو

**ڊاڪٽر فرينڪ ايلن (پي ايڇ ڊي، پروفيسر آف بايوفزڪس، مينيٽوبيونيورسٽي ڪئناڊا)**

اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون ويون آهن تہ هي مادّي دنيا پنهنجي وجود لاءِ ڪنهن خالق جي محتاج ناهي، پر جيئن تہ هن دنيا جو وجود بهرحال هڪ حقيقت آهي، جنهن جو انڪار ڪري نٿو سگهجي، تنهنڪري هر حالت ۾ ان جي موجود هئڻ جو ڪونہ ڪو سبب تہ ضرور ڄاڻائڻو ٿي پوندو. عام طور تي ان جا چار سبب پيش ڪيا وڃن ٿا.

1 - هڪڙو هي تہ هن دنيا جو وجود فقط نظر جو دوکو ۽ وهم آهي، ان جي حقيقت ڪابہ ڪانهي.

2 - ٻيو هي تہ هي ڪائنات پاڻهئي عدم مان وجود ۾ اچي وئي آهي.

3 - ٽيون هي تہ هي ازلي ۽ ابدي ( فلاسافي جي اصطلاح ۾ قديم ) آهي ان جي ڪابہ شروعات يا پڇاڙي نہ آهي.

4 - چوٿون هي تہ هي خالق جي تخليق جو اعليٰ نمونو آهي.

1 - پهريون سبب جيڪڏهن مڃيو وڃي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ هتي انساني شعور جي ما بعد الطبيعاتي حل ڪان سواءِ ڪو مسئلو ٿي ڪونهي ۽ ان کي پاڻ بہ هڪ وهم چيو ويو آهي.

علم طبيعات ( فزڪس ) جي ماهر سر جيمز جينز پنهنجي ڪتاب ڳجهي ڪائنات (The Mysterious Universe) ۾ انهن غير حقيقي مفروضن تي هيٺين لفظن ۾ بحث ڪيو آهي:

علم طبيعات جي جديد تصورن مطابق ڪائنات جي موجود هئڻ جو ڪوبہ مادّي سبب پيش ڪرڻ ممڪن ڪونهي ۽ ان جي ڪري منهنجي نظر ۾ ڪائنات جو سچو معاملو ئي هاڻي خيالي معاملو بنجي ويو آهي. انهيءَ نقطہ نظر مطابق صورتحال هي آهي تہ خيالي گاڏيون، جيڪي فرضي مسافرن سان ڀريل آهن، غيرحقيقي دريائن تي، تصوراتي نهيل، پلن مٿان لنگهي پار ڪري رهيون آهن.

2 -ٻيوتصورَ هي آهي تہ مادّي ۽ توانائي ( Matter and Energy ) جي هي دنيا پاڻهئي عدم جي پردي مان وجود ۾ اچي وئي آهي. هي بہ ساڳئي طرح هڪڙو اهڙو بيهودو ۽ لغو مفروضو آهي جنهن کي ڪنهن بہ طرح غور ڪرڻ لائق چئي نٿو سگهجي.

3 - ٽيون خيال هي آهي تہ هي ڪائنات ازلي ۽ ابدي آهي، اهو نظريو، تخليقي نظرئي سان گهٽ ۾ گهٽ هن پهلو کان ڪجهہ ويجهو آهي، تہ يا تہ هي جامد مادو پنهنجي اندر ۾ لڪل توانائيءَ سان ازلي ۽ ابدي وجود رکي ٿو يا ان جي خالق جي ذات ازلي ۽ ابدي آهي .

ان پهلو مطابق انهن ٻنهي تصورن جا دليل بہ گهڻو ڪري ساڳيا آهن، پر علم حرارتي حرڪيات ( Thermo Dynamics ) جي قانون مان خبر پوي ٿي تہ ڪائنات هوريان هوريان گهٽ ٿيندي پئي وڃي ۽ ڪو وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن سيئي شيون پنهنجي گرمي وڃائي ويهنديون، توانائي ۽ قوت فنا ٿي ويندي ۽ زندگي نا ممڪن ٿي ويندي. هي ڏڳندڙ سج، هي جهر مر ڪندڙ تارا ۽ زندگيءَ جي هنگامن سان



ڀرپور هي ڌرتي، ان حقيقت جا واضع شاهد آهن تہ هن ڪائنات جو ڪو نہ ڪو شروعاتي نقطو ضرور آهي ۽ ڪنهن مقرر ساعت ۾ هي ڪائنات وجود ۾ آئي آهي. ۽ اها ئي حقيقت ان ڳالهہ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي تہ هي ڪائنات پاڻهئي وجود ۾ ڪانہ آئي آهي. پر هيءَ ڪنهن تخليقي ( پيدا ڪندڙ ) قوت جو ڪرشمو آهي. اهو مڃڻ ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونهي تہ علت اوليٰ ( پهرئين سبب ) جي حيثيت هڪ ازلي ۽ ابدي ذات ۽ هڪ عليم ۽ قدير هستيءَ جو موجود هئڻ لازمي آهي، جنهن هن ڪائنات کي وجود جو پوش ڍڪايو آهي. ۽ ان جي صورت گري ڪئي آهي.

زندگيءَ کي قائم ۽ برقرار رکڻ لاءِ هن ڌرتيءَ جي گولي تي ايڏا تہ انتظام نظر اچن ٿا جو اها ڳالهہ ڪنهن بہ طرح وسهي نٿي سگهجي تہ هي سڀ فقط ڪنهن حادثي يا اتفاق جو نتيجو آهن.

اول تہ هيءَ ڌرتيءَ هڪڙي وڏي گولي جي شڪل ۾ خلاء ۾ ٽنگيل آهي ۽ پنهنجي قطبي محور تي اهڙي طرح ڦِري رهيو آهي جو ان جي ڪري ڏينهن کان پوءِ راتيون ۽ راتين کان پوءِ ڏينهن اچن ٿا ۽ وري اهو گولو سج جي چوڌاري بہ گهمي رهيو آهي ۽ سال جي مقرر ٿيل مدت ۾ پنهنجو هڪڙو چڪر پورو ڪري ٿو اهو تحرڪ، خلا ۾ هن کي، صحيح رخ ۾ رهڻ لاءِ اٽڪل آهي .

قطبي محور تي پنهنجي مدار ڏانهن ان جو 23 درجا لاڙو، موسمن ۾ باقاعدگي پيدا ڪري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ زمين جو وڏ ۾ وڏ حصو آبادڪاري لائق ٿي وڃي ٿو ۽ قسمين قسمين رنگا رنگ اوپڙ زمين جي رونق ۽ ڪارج کي وڏي هٿي ڏئي ٿي. جيڪڏهن هي زمين جو گولو گردش ڪرڻ جي بدران هڪ هنڌ بيٺل هجي ها تہ وڻن ٻوٽن ۽

انهن جي پيدا وار ۾ ايترو واڌارو ۽ ايترا قسم ظاهر ٿيڻ بلڪل ممڪن ڪونہ هجن ها.

ٻيو تہ اهڙيون گيسون جيڪي زندگيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهن, فضا ۾ اٽڪل پنج سئو ميلن جي اوچائي تائين چوڌاري موجود آهن۽ انهن جو تمام ٿلهو تهہ زمين جي گولي کي انهن شهابن ( Meteors ) جي موتمار وسڪاري کان محفوظ رکي ٿو جيڪي هر روز ٻن ڪروڙن جي تعداد ۾ ٽيهہ ميل في سيڪنڊ جي رفتار سان زميني گولي جي فضا ۾ داخل ٿين ٿا. ٻين اثرن کان علاوه هوا جو اهو تهہ گرميءَ جي درجي کي انهن مناسب حدن اندر رکي ٿو جيڪي زندگيء جي بقا لاءِ اٽتر آهن. هوائون ڪڪرن جي صورت ۾ سمنڊن جي تازي پاڻيءَ جي بخارن ( ٻاڦ ) کي اڏائي خشڪيءَ ڏانهن هڪالي وڃن ٿيون ۽ پري پري تائين خشڪ ۽ اجايل زمين کي پاڻي پهچائين ٿيون, نہ تہ هوند اهي زمينون ٺوٺ ويران صحراء ٿي وڃن. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ جڻ فطرت, سمنڊن ۽ هوائن جي انهي پاڻ ۾ سڀنڌ کي هن ڌرتيءَ جي گولي تي جياپي جو ذريعو بنايو آهي.

پاڻيءَ ۾ چار اهم خاصيتون رکيل آهن, پهرئين خاصيت هي آهي تہ پاڻي گهٽ ۾ گهٽ گرميءَ جي درجي تي آڪسيجن جي وڏ ۾ وڏ مقدار کي پنهنجي اندر جذب ڪري ٿو ٻئي خاصيت هي آهي تہ پاڻي ڄمڻ جي درجي کان چار ڊگريون سينٽي گريڊ اڳ ئي پنهنجي گهاٽائي (Density ) جي آخري حد تائين پهچي وڃي ٿو جنهن جي ڪري دريا ۽ ڍنڍون عام طور تي ڄمنديون نہ آهن, ٽئين خاصيت هي آهي تہ برف جي گهاٽائي ( Density ) پاڻيءَ جي گهاٽائيءَ کان گهٽ



ٿي وڃي ٿي, جنهن جي ڪري برف پاڻيءَ جي سطح تي, مٿي ئي نزندي رهندي آهي.

چوٿين خاصيت هي آهي تہ جڏهن پاڻي ڄمڻ لڳندو آهي تہ اهو ( پاڻ مان ) گهڻي مقدار ۾ گرمي خارج ڪندو آهي.

اهي ئي اُهي خاصيتون آهن جن جي ڪري سياري جي ڊگهي مند ۾ ڍنڍين ڍورن, دريائن ۽ سمنڊن جي اندر رهندڙ بيشمار جاندار مخلوق زنده رهي ٿي, نہ تہ جيڪڏهن انهن جو سمورو پاڻي ڄمي وڃي ها تہ انهن ۾ ڪابہ زندگي بچي ڪانہ سگهي ها.

هي زمين, زمين تي رهندڙ جاندارن لاءِ هڪ مضبوط بنياد جو ڪم ڪري ٿي, هيءَ مٽي, اهڙا لوڻ مهيا ڪري ٿي جن کي جذب ڪري مختلف قسمن جا وڻ ٻوٽا ڌرتيءَ جو سينو چيري ٻاهر نڪرن ٿا ۽ ٻي جاندار مخلوق لاءِ رزق جو وسيلو بنجن ٿا. ساڳئي طرح زمين جي سطح جي بلڪل ويجهو مختلف قسم جي ڌاتن جو وجود, تهذيب جي واڌ ويجهہ ۽ ارتقاء ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

اهائي حقيقت آهي جنهن کي يسعيا نبيءَ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي, ”خدا وند خدا, هن دنيا کي بي مقصد ۽ بيڪار ڪونہ بنايو آهي, پر انهيءَ لاءِ تخليق ڪيو آهي تہ جيئن هن ۾ زندگيءَ جي رونق ۽ سرگرميون قائم هجن.“

ڪي ماڻهو هن لا محدود پکڙيل فضاء جي بي انداز گهراين اندر هن ذري جيتري زمين جي گولي جو اهڙي طرح ذڪر ڪندا آهن جڻ هي ڪا تمام بي جوڙ ۽ اڻ ٺهڪندڙ ڳالهہ آهي, پر ڪين اندازو ڪونهي تہ جيڪڏهن ان جو مقدار ۽ پکيڙ گهٽ وڌ هجي ها تہ ان ۾ زندگي محال ٿي وڃي ها, جيڪڏهن هي زمين جو گولو چنڊ جيترو ننڍو

هجي ها، يعني ان جو قطر اصل جي ڀيٽ ۾ 1/4 هجي ها. ته ان جي ڪشش ثقل زمين جي موجوده ڪشش ثقل جو 1/6 ٿي وڃي ها. ان ۾ پاڻي ۽ هوا جو وجود ممڪن نه هجي ها. ان ۾ گرميءَ جو درجو وڏي وڃي ها، ۽ چوٽ چڙهي آخري حد تائين وڃي پهچي ها ۽ جيڪڏهن هيٺ ڪري ها ته آخري حد تائين ڪري پوي ها. ان جي برعڪس جيڪڏهن زمين جي گولي جو قطر هاڻوڪي قطر جي ڀيٽ ۾ ٻيڻو هجي ها ته ان جي سطح موجوده سطح جي ڀيٽ ۾ چئوڻي وسيع ٿي وڃي ها، ڪشش ثقل ٻيڻي وڏي وڃي ها. هوا جي ته جو مقدار خطرناڪ حد تائين گهٽجي وڃي ها ۽ ان جي دٻاءُ ۾ في چورس انچ 15 کان 30 پائونڊ واڌارو ٿي وڃي ها، جنهن جو رد عمل زندگيءَ تي بيحد موتمار پوي ها. هميشه ٿڌا رهڻ وارن علائقن ۾ گهڻو واڌارو ٿي وڃي ها ۽ تمام ٿورا اهڙا علائقا وڃي بچن ها، جتي زندگي ۽ آبادي ممڪن ٿي سگهي ها. هڪڙي علائقي جا رهندڙ ٻئي علائقي جي ماڻهن کان بلڪل ڪٽجي وڃن ها، اڄ وچ جا وسيلا ۽ هڪڙي علائقي کان ٻئي علائقي ۾ آمدرفت مشڪل، نه پر، ناممڪن ٿي وڃي ها.

جيڪڏهن اسان جي زمين سج جيڏي وڏي هجي ها ۽ ان جي گهاٽائي به اوتري ئي هجي ها ته ان جي ڪشش ثقل ڏيڍوڻي ٿي وڃي ها. هوا جي ته جي ٿولهه به گهٽجي، پنج سئو ميلن جي بدران فقط چار ميل رهجي وڃي ها. پاڻي جو ٻاڦ ۾ بدلجڻ ممڪن نه ٿئي ها ۽ هوا جو دٻاءُ به هڪ ٽن في چورس انچ  تائين وڃي پهچي ها. هڪڙي پائونڊ وزن واري جانور جو وزن وڏي هڪ سئو پنجاهه پائونڊ ٿي وڃي



ها. انسان جو جسم گهٽجي، نوريئڙي جيترو ٿي وڃي ها ۽ ان ۾ هر قسم جي ذهني زندگي ۽ ان جي واڌ ويجهه به ختم ٿي وڃي ها.

ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڌرتي ۽ سج جون وڇون موجوده مفاصلو وڌائي ٻيڻو ڪري ڇڏجي ها ته سج کان ايندڙ گرميءَ جو مقدار به گهٽجي فقط چوٿون حصو ٿي وڃي ها، ۽ ان جي گردش جي رفتار به اڌ جيتري وڃي ٿئي ها. موسمن جو مدو ڊگهو ٿي ٻيڻو ٿي وڃي ها ۽ زندگي ڄمي هڪ هنڌ بيهي رهي ها.

جيڪڏهن سج ۽ زمين جو وڇون مفاصلو گهٽائي اڌ ڪري ڇڏجي ها، ته سج کان ايندڙ گرمي چئوڻي وڏي وڃي ها. ڌرتي جي گردش جي رفتار تيز ٿي وڃي ها، موسمن بدلجڻ جو امڪان پهرئين ته ختم ئي ٿي وڃي ها، پر جيڪڏهن هجي ها ته هن طرح هجي ها جو سياري جي مند جي موجوده مدت اڌو اڌ گهٽجي وڃي ها، ۽ ڌرتيءَ تي تپش ايتري قدر وڏي وڃي ها جو ان ۾ زندگي جو برقرار رهڻ ممڪن نه ٿئي ها.

ڌرتيءَ جي گولي جي موجوده جسامت، ان جو سج کان موجوده مفاصلو ان جي مقرره ٿيل گردشي رفتار برقرار رهڻ جو ئي نتيجو آهي ته هن ڌرتي تي جياپو ممڪن آهي ۽ انسانذات طبيعي، ذهني ۽ روحاني زندگيءَ جون راحتون ماڻي رهي آهي.

جيڪڏهن فرض ڪريو ته هن دنيا جي وجود جي پويان ڪا رٿا بندي ۽ ڪا ڪارفرما قوت موجود ناهي ته هر حالت ۾ اهو ميٺو پوندو ته هي رنگا رنگي دنيا ڪنهن حادثي جي نتيجي ۾ ظاهر ٿي آهي، هاڻي ڏسو ته بخت ۽ اتفاق رڳو ڪا فرضي شيءِ ته ڪانهي، پر هڪ تمام ترقي يافته حسابي نظريو آهي، جنهن کي انهن معاملن تي لاڳو

ڪيو وڃي ٿو جن ۾ قطعي ۽ يقيني معلومات ممڪن نہ هوندي آهي، هن نظرئي جي وسيلي اسان کي اهڙا واضح اصول هٿ اچن ٿا جن جي مدد سان اسين حق ۽ نا حق ۾ آسانيءَ سان فرق ڪري سگهون ٿا، ۽ ڪنهن خاص نوعيت جي واقعي جي ظاهر ٿيڻ بابت حساب لڳائي صحيح صحيح اندازو ڪري سگهون ٿا تہ اتفاقي طرح ان جو ظاهر ٿيڻ ڪيتريقدر ممڪن آهي.

پروٽين، جيڪو سيني ساهوارن خلين ( Cells ) لاءِ لازمي جزي جي حيثيت رکي ٿو تنهن ۾ پنج عنصر ( Elements ) هوندا آهن، ڪاربن، هائيڊروجن، نائيٽروجن، آڪسيجن ۽ گندرف، هڪ پروٽيني سالمي ( Molecule ) ۾ انهن عنصرن جا 40 هزار ننڍڙا ذرا يا ائٽم (Atoms ) هوندا آهن.

ڪائنات ۾ 104 ڪيميائي عنصر ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ بلڪل بي ترتيبيءَ سان وکريل آهن، هاڻي ان ڳالهہ جو ڪيترو امڪان آهي تہ انهن 104 عنصرن جي بي ترتيب ڍڳ مان انهن پنجن عنصرن جو ٻاهر نڪري پاڻ ۾ اهڙي طرح گڏجڻ جو هڪڙو پرو ٽيني سالمو پاڻهيءِ وجود ۾ اچي سگهي؟ مادّي جو اهو مقدار جنهن کي لڳاتار لوڏڻ سان اتفاقي طرح اهو نتيجو حاصل ٿي سگهي ۽ اها مدت جنهن ۾ اهو ڪم پورو ٿيڻ ممڪن هجي، ان بابت حساب لڳائي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

سوئٽزرلينڊ جي هڪڙي حساب دان چارلس يوجين گائي اهو حساب لڳايو آهي، هن جي تحقيق هي آهي تہ ان طرح ڪنهن بہ اتفاقي واقعي جو امڪان 10.160 جي مقابلي ۾ فقط هڪ درجو ٿي سگهي ٿو واضح هئڻ گهرجي تہ 10.160 جو مطلب هي آهي تہ 10



کي هڪ سئو سٺ ڀيرا لڳاتار پاڻ ۾ ضرب ڪجي، اهو هڪڙو اهڙو امڪان ڪان پري قياس ( اندازو ) آهي جنهن جو انگن جي ٻولي ۾ اظهار ڪرڻ بہ ڏکيو آهي، فقط هڪڙي پروٽيني سالمي جي اتفاق سان وجود ۾ اچڻ لاءِ هن ساري ڪائنات جي موجوده مادّي (Matter ) کان ڪروڙين ڀيرا وڏيڪ مقدار ۾ مادّي جي ضرورت پوندي، جنهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري لوڏجي ۽ ان عمل مان ڪنهن نتيجي نڪرڻ جو امڪان اربها ارب ( 10.243 ) سالن کان پوءِ وڃي پيدا ٿيندو.

پروٽين، امينو ايسڊس، جي ڊگهين زنجيرن مان وجود ۾ ايندا آهن، ان ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت ان طريقي جي آهي، جنهن ۾ هي زنجيرون پاڻ ۾ گڏجن ٿيون. جيڪڏهن اهي غلط شڪل ۾ گڏجي وڃن، تہ زندگي کي قائم رکڻ جو ذريعو بنجڻ جي بدران هي موتمار زهر بنجي پونديون آهن. پروفيسر جي بي ليڊز ( انگلينڊ ) حساب لڳايو آهي تہ هڪڙي سادي پروٽين جي زنجيرن کي لکن ( 10.48 ) طريقن سان پاڻ ۾ ملائي سگهجي ٿو. اها ڪنهن بہ طرح عقل ۾ اچڻ جهڙي ڳالهہ ڪانهي تہ هڪڙي پروٽيني سالمي ( Molecule ) کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ايڏا گهڻا بعيد از امڪان اتفاق ساڳئي وقت پيدا ٿي پيا هجن.

۽ وري پروٽين پاڻ بہ هڪڙي ڪيميائي شئي آهي، جنهن ۾ زندگي موجود نہ هوندي آهي، ان ۾ زندگيءَ جي گرمي تڏهن پيدا ٿيندي آهي، جڏهن ان ۾ روح ڦوڪليو وڃي، فقط هڪڙو عقل - ڪل، بيحد ۽ نهايت ذهين يعني خدا ئي اهو سوچي سگهيو ٿي تہ زندگيءَ جو مرڪز بنجڻ لاءِ انهي قسم جو سالمو موزون ٿي سگهي ٿو اهو ئي ان کي خلقي سگهيو ٿي ۽ اهو ئي ان کي زندگي بخشي سگهيو ٿي.

**(ورتل ”خدا موجود آهي“ تان)**

علامہ محمد اسد

# مغربي تهذيب مان مسلمانن کي پهچندڙ نقصان

چيو وڃي ٿو تہ جديد سائنس هڪ تخليقي قوت جي وجود تي يقين ڪرڻ لڳي آهي، ۽ سمجهيو پيو وڃي تہ ان سان مغرب ۾ نئين مذهبي سجاڳي پيدا ٿيندي، پر اهو بہ يورپ جي سائنسي فڪر کي نہ سمجهڻ جو نتيجو آهي. ڪوبہ سوچ رکندڙ سائنسدان ان کان انڪار ڪري نہ ٿو سگهي تہ ڪائنات ڪنهن هڪ، سبب جي ڪري وجود ۾ آئي آهي. اصل ۾ سوال هي آهي تہ ان بنيادي، سبب، ۾ ڪهڙيون وصفون آهن. سمورا مذهب ان ڳالهہ جا قائل آهن تہ اها هڪ اهڙي هستي آهي، جيڪا مڪمل شعور رکي ٿي، جيڪا ڪائنات جي خالق بہ آهي تہ ان تي حڪومت بہ ڪري ٿي ۽ هڪ مقصد ۽ منصوبي هيٺ ڪائنات کي هلائي رهي آهي. اها هستي لا محدود آهي ۽ سندس ارادن کي ڪو بہ روڪي نٿو سگهي. ٻين لفظن ۾ اها هستي، الله تعاليٰ جي ذات آهي، پر ماڊرن سائنس ان ڳالهہ تي غور ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ آهي. (حقيقت ۾ سائنس جو ان معاملي سان واسطو نہ آهي ۽ نہ اها ڳالهہ سندس دائره ڪار ۾ آهي ) سائنس جو رويو ان معاملي ۾ هي آهي، تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها هستي موجود هجي، پر مون کي ان بابت ڪو علم نہ آهي ۽ ڪي اهڙا ذريعا بہ نہ آهن، جن سان ان کي معلوم ڪري سگهجي. ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي ڪري اها فلاسفي هڪ اهڙي شڪل اختيار ڪري، جنهن ۾ روح ۽ مادو، مقصد ۽ وجود، خالق ۽ مخلوق هڪ شيءِ سمجهيا وڃن، پر اهو تہ



شرڪ جو هڪ قسم هوندو ۽ اسلام جي تصور خدا کان گهڻو پري هڪ مشرڪانہ تصور هوندو.

حقيقت ۾ يورپ جيترو هن دور ۾ اسلام کان پري آهي، اوترو اڳ ڪڏهن بہ نہ هو. اسلام خلاف سندس دشمني توڙي بظاهر گهٽجي رهي آهي پر اهو ان ڪري نہ آهي، جو اسلام يورپ جي دلين ۾ گهر ڪري ورتو آهي، پر انهيءَ ڪري ٿيو آهي، جو مسلم دنيا ڪلچرلي طور ڪمزور ٿي ويئي آهي ۽ ان جو اتحاد پاره پاره ٿي ويو آهي. هڪ وقت هو، جڏهن يورپ اسلام کان خائف هو ۽ ان خوف جي ڪري هر اسلامي شئي سان کلم کلا دشمنيءَ جو برتاءُ ڪندو هو، ويتر خالص روحاني ۽ سماجي شين سان بہ، پر هن وقت جڏهن اسلام يورپ جي سياسي مفادن خلاف ڪو چيلينج نہ رهيو آهي، ان ڪري يورپ بہ پنهنجي قديم اسلام دشمنيءَ ۾ ڪمي آندي آهي. (واضح هجي هي ڪتاب اڄ کان 80 سال اڳ لکيو ويو هو مرتب) ان مان اهو سمجهڻ تہ يورپ اسلام جي قريب اچي رهيو آهي، صحيح نہ آهي.

مغربي تهذيب پنهنجو ذهني رويو هرگز نہ بدلايو آهي، مذهبي تصور زندگيءَ سان مغرب جي اڄ بہ ساڳي روش آهي، يعني اها ڪنهن اهڙي تصور کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، نہ وري مستقبل قريب ۾ مغربي دنيا اهڙي ڪنهن تصور کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي، يورپ ۾ ڪجهہ اسلامي مشن قائم ٿيڻ يا ڪجهہ يورپين ۽ آمريڪن جو اسلام قبولڻ ڪا خاص ڳالهہ نہ آهي. هڪ اهڙي دور ۾ جنهن ۾ هر طرف ماديت جو زور هجي، اها هڪ قدرتي ڳالهہ آهي تہ ڪي ماڻهو هتي هُتي مذهبي تعليم ڏانهن جنهن ۾ سندن روحاني تسڪين جو سامان هجي، ڇڪجي اچن. ان معاملي ۾ رڳو اسلامي

مشن ئي موجود نہ آهن، پر ٻيا بہ ڪيترا فرقا جهڙوڪ ٿيا سافيءَ وارا، ٻڌ ڌرم جا مبلغ ۽ عيسائي اصلاحي مبلغ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪيترن يورپي شهرن ۾ انهن جا مندر ۽ دفتر قائم آهن ۽ اهي ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي مذهب ڏانهن ڦيرائي ويا آهن، ٻڌ مذهب وارا جيڪڏهن دعويٰ ڪن تہ اجهو جاڻ يورپ ٻڌ ڌرم قبول ڪيو تہ اها دعويٰ کلندڙ هوندي .

چند ماڻهن جو اسلام يا ٻڌ ڌرم قبول ڪرڻ، اهو ثابت نہ ٿو ڪري تہ اسلام يا ٻڌ ڌرم مغربي زندگيءَ کي ڪنهن قابل ذڪر حد تائين متاثر ڪيو آهي. انهن چند ماڻهن جي مقابلي ۾ تمام گهڻا ماڻهو خالص مادي تنظيمن ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. ان مان مغربي تهذيب جي رجحانن جو پتو پوي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ مستقبل ۾ سماجي ۽ اقتصادي بي چينيءَ جي ڪري يا عالمي لڙاين ۽ سائنسي خطرن جي نتيجي ۾ يورپ جي مادي غرور کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ۽ اتي جا رهواسي عاجزي اختيار ڪن ۽ سچاين ۽ روحاني حقيقتن جي تلاش ڪن. ان ڪان پوءِ اسلام جي صحيح تبليغ مغربي دنيا ۾ شايد ممڪن ٿي سگهي، پر موجوده وقت ۾ اهڙي تبديلي نظر نہ ٿي اچي. ان ڪري ائين سمجهڻ تہ اسلام ڄاڻ يورپ جي روح کي فتح ڪرڻ وارو آهي، خطرناڪ خود فريبي آهي. منهنجي خيال ۾ اهڙو عقيدو نقصانڪار آهي ڇو تہ ان عقيدي جي نتيجي ۾ اسان پنهنجي صحيح حالت کان ڪڏهن بہ واقف نہ ٿيندا سون ۽ مغرب وارا مسلم دنيا ۾ جهڙي طرح پنهنجو اثر رسوخ وڌائي رهيا آهن ۽ اسلامي سوسائٽيءَ کي تهہ و بالا ڪري رهيا آهن، ان کان اسان هر گز واقف ٿي نہ سگهنداسون. اسلام جي اشاعت جي تمنا ڪرڻ هڪ ڳالهہ آهي، ان بابت غلط اميدون



رکڻ ٻي ڳالهہ آهي. اسان اسلام جي روشني ڏورانهن ملڪن تائين پکيڙڻ جا خواب ڏسي رهيا آهيون، جڏهن تہ اسان جا نوجوان اسان جي سامهون اسلام کان پري ٿي رهيا آهن.

## تعليم بابت ڪجهہ ويچار

جيستائين مسلمان پنهنجي جامد تهذيب جي احياءَ لاءِ مغربي تهذيب ڏانهن ڏسندا رهندا، اهي پنهنجي خود اعتمادي ضايع ڪندا رهندا ۽ مغرب جي ان پروپيگنڊا کي مضبوط ڪندا تہ اسلام ختم ٿي چڪو. گذريل صفحن ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ اسلام ۽ مغربي تهذيب پنهنجي روح ۾ جدا جدا تصور حيات تي ٻڌل هئڻ ڪري، هڪ ٻئي سان گڏ هلي نہ ٿا سگهن. ان حالت ۾ اسين اهو تصور ڪيئن ڪري ٿا سگهون تہ مسلمان نوجوانن جي مغربي طرز تي تعليم، جيڪا مغربي تجربن ۽ اقتدار تي ٻڌل آهي، اسلام دشمن اثرن کان پاڪ ٿي سگهي ٿي. مسلم نوجوانن جي مغربي طرز تي تعليم کين اسلام کان ضرور پري ڪندي. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ جيڪي مسلم ماهر مغربي طرز جي تعليم حاصل ڪن ٿا، انهن جو مذهبي يقين لڏي وڃي ٿو. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسلام رڳو اڻ پڙهيل ماڻهن جي سامهون پنهنجي عملي حيثيت برقرار رکي سگهي ٿو، پر اهو واضح آهي تہ اسلام ان ماحول ۾ پنهنجي جذباتي وابستگي بهتر طور تي برقرار رکي سگهي ٿو جتي مغربي طرز تعليم جا اثر نہ آهن. ان مان اهو ثابت نہ ٿو ٿئي تہ مغربي تعليم، اسلام جي صداقتن جي خلاف ڪا ثابتي مهيا ڪئي آهي، پر مغربي تهذيب ايترو تہ مذهب دشمن آهي، جو ان ۾ رهي نوجوان مسلم شاگرد پنهنجي

مذهبي عقيدن تي ان جي زهر جو اثر محسوس ڪرڻ کان بچي نہ ٿا سگهن.

هر انسان تي پنهنجي ڪلچرلي ماحول جو اثر ضرور ٿئي ٿو. حديث ۾ آهي تہ، هر ٻار سالم فطرت تي پيدا ٿئي ٿو پوءِ سندس والدين کيس يهودي، نصراني يا مجوسي ( آتش پرست ) بڻائين ٿا. ( صحيح بخاري )

هن حديث جي روشنيءَ ۾ والدين جي لفظ کي وسع معني ۾ ٻار جي عام ماحول، خاندان اسڪول ۽ سوسائٽيءَ تائين تصور ڪري سگهجي ٿو جتي ٻار جي سکيا ۽ تربيت ٿئي ٿي. ان ڳالهہ کان انڪار ڪرڻ مشڪل آهي تہ اڄ ڪالهہ جي مذهبي زوال جي دور ۾ ڪيترن ئي مسلم گهراڻن ۾ مذهبي ماحول ايترو تہ ڪريل آهي، جو اتي جي نوجوانن ۾ مذهب خلاف جذبات پيدا ٿيڻ قدرتي ڳالهہ آهي. ان حالت ۾ مسلم نوجوانن جو مغربي لائين تي تعليم حاصل ڪرڻ، انهن ۾ مذهب جي خلاف اثر پيدا ڪرڻ جو يقيني سبب ٿيو پوي ۽ پوءِ مذهب دشمنيءَ جا اثر انهن شخصن ۾ پوري زندگي قائم رهن ٿا.

هاڻي هڪ اهم سوال هي پيدا ٿو ٿئي تہ اسان مسلمانن جو جديد علم بابت ڪهڙو رويو هئڻ گهرجي؟ مغربي لائين تي مسلم نوجوانن جي تعليم تي اعتراض جو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ اسلام تعليم جي برخلاف آهي، اهڙو اعتراض مذهبي ۽ تاريخي طور غلط آهي. قرآن مجيد بار بار چوي ٿو تہ، اوهان غُور ڪريو تہ جيئن اوهان ڄاڻو تہ جيئن اوهان عقل وارا ٿيو وغيره. آدم عليہ السلام بابت فرمايائين:



وعلم آدم الاسماءَ ڪلها.

(۽ الله تعاليٰ آدم عليه السلام کي سمورا نالا سيکاريا) ۽ ان علم جي ڪري فرشتن تي سندس برتري ثابت ٿي، نالن مان مراد آهي، شين جي خاصيتن معلوم ڪرڻ جو علم، ٻين لفظن ۾، سوچ ويچار ڪرڻ، جيڪو صرف انسان جي خاصيت آهي، جنهن ڪري قرآن، انسان کي دنيا ۾ خدا جو خليفو ( نائب سڏي ٿو ان مان ظاهر آهي تہ قرآن سوچ ويچار ۽ علم حاصل ڪرڻ تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو. ان ڪري پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: جيڪو شخص علم حاصل ڪرڻ لاءِ سفر ڪري ٿو خدا ان لاءِ جنت جو رستو آسان ڪري ٿو. (صحيح مسلم )

۽ هڪ عالم فاضل شخص جي عابد شخص تي فضيلت ائين آهي، جيئن چوڏهينءَ جي چنڊ جي تارن تي فضيلت هوندي آهي. ( جامع ترمذي، ابو دائود، سنن ابي ماجہ، مسند ابن حنبل، سنن دارمي )

اسان اهو ضروري نہ ٿا سمجهون تہ علم جي تائيد ۾ قرآن مجيد يا حديثن مان وڌيڪ حوالا ڏيون. تاريخ شاهد آهي تہ ڪنهن بہ مذهب، سائنس جي ترقيءَ تي ايترو اصرار نہ ڪيو آهي، جيترو اسلام ڪيو آهي. علم ۽ سائنسي ريسرچ جيڪا اسلامي علماءِ کان اموي ۽ عباسي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ مسلم اسپين ۾ ترقي حاصل ڪئي، اها ڪنهن کان بہ لڪل نہ آهي. يورپ وارا ان ترقي کان چڱيءَ طرح واقف آهن ڇو تہ انهن جو پنهنجو ڪلچر اسلام جو احسان مند آهي ۽ صدين جي اونداهي دور کان پوءِ اتي سائنسي سجاڳي اسلام جي ڪري آئي.

آئون اهي ڳالهيون هن ڪري نہ لکي رهيو آهيان تہ اسين انهن پراڻن ڪارنامن تي اهڙي وقت ويهي فخر ڪريون جڏهن گمراهيءَ ۾ غرق آهيون. اسان کي پنهنجي موجوده زبون حاليءَ ۾ پراڻن ڪامرانين تي خوش ٿيڻ جو ڪو حق نہ آهي، پر اسان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اسان جي موجوده پستہ حاليءَ لاءِ اسلام ذميوار نہ آهي، پر اسين مسلمان پاڻ ذميوار آهيون .

اسلام ، ترقيءَ ۽ سائنس جو ڪڏهن بہ مخالف نہ رهيو آهي. اسلام انسان جي علمي ترقيءَ جو ايتري قدر تہ حامي آهي،جو ان جي ڪري انسان کي فرشتن تي بہ فوقيت ڏئي ٿو. اسلام کان سواءِ ڪوبہ ٻيو مذهب، عقل ۽ علم کي ايتري اهميت نہ ٿو ڏئي، جو ان کي زندگيءَ جي ٻين سمورن شعبن تي فوقيت ڏيندو هجي. اسلام جي تعليم تہ هيءَ آهي تہ اسين مسلمان موجوده علمن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪري، پاڻ کي سائنسي ۽ اقتصادي طور مغربي قومن جي برابر آڻيون، پر اسان کي هڪ شئي کان هر حال ۾ پاڻ کي بچائڻو آهي. اها هي تہ اسين دنيا کي مغرب جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳون ۽ مغربي دماغن سان سوچيون. اسان تي لازم آهي تہ اسلام جي روحاني تهذيب کي مغرب جي مادي طرز زندگيءَ تي هرگز قربان نہ ڪريون.

علم پنهنجي سر نہ مشرقي آهي، نہ مغربي، اهو آفاقي آهي جيئن قدرتي حقيقتون آفاقي هونديون آهن. اهو نقطہ نگاهہ جو فرق هوندو آهي، جيڪو ڪلچرلي پس منظر موجب هڪ ٻئي کان مختلف هوندو آهي، جنهن ڪري حقيقتون مختلف روپ ڌارينديون آهن. فزڪس، بايالوجي يا ٻيون سائنسون نہ تہ مادي آهن، نہ روحاني، انهن جو واسطو مشاهدي ۽ حقيقتن جي اڀياس ۽ انهن مان نتيجن حاصل



ڪرڻ سان هوندو آهي، جن جي آڌار تي عام قانون ڳولي لڌا ويندا آهن. البتہ انهن مان جيڪا فلاسفي حاصل ڪئي وڃي ٿي، ان جو دارو مدار حقيقتن ۽ مشاهدي سان نہ هوندو آهي، پر ان جو تعلق زندگيءَ بابت اسان جي رويي ۽ اسان جي وجدان سان هوندو آهي. مشهور جرمن فلسفي ڪانٽ جو چوڻ آهي تہ اها ڳالهہ عجيب لڳي ٿي پر حقيقت آهي تہ اسان جي سوچ فطرت مان نتيجا اخذ نہ ٿي ڪري، پر اٽلو پنهنجا خيال فطرت مٿان مڙهي ٿي. مطلب تہ هر شخص جو نقطہ نظر حقيقت کي پنهنجي عقيدي ۽ خيال مطابق سمجهي ٿو. ان ڪري سائنس جيڪا نہ مادي شئي آهي، نہ روحاني، پنهنجي گمان ۽ يقين مطابق ڪائنات جي توجيہ ڪري ٿي. پوءِ اها توجيہ روحاني بہ ٿي سگهي ٿي تہ مادي بہ ، هاڻي جيئن تہ مغربي دنيا مادي نقطہ نظر سان دنيا کي ڏسي ٿي ۽ اها مذهب جي مخالف آهي، ان ڪري ان جو تعليمي نظام بہ مذهب مخالف آهي، ٻين لفظن ۾ ماڊرن سائنس جي تعليم پاڻ اسلام دشمن نہ آهي، پر مغربي تهذيب جو روح جيئن تہ مادي ۽ غير مذهبي آهي، ان ڪري جيڪڏهن مسلمان ان نقطہ نظر سان سائنس جو علم حاصل ڪندا تہ اهو اسلام لاءِ هاڃيڪار آهي.

افسوس جو اسان جي سائنسي ريسرچ کان لاپرواهيءَ اسان کي مغرب جو متحاج بنائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اسين اسلامي اصولن جي پابندي ڪندي ( جنهن موجب علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان لاءِ فرض قرار ڏنو ويو هو ) علم حاصل ڪندا رهون ها تہ اڄ اسان کي ماڊرن سائنس جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ مغرب جي محتاجي پيش نہ اچي ها. مسلمانن تمام ڊگهي عرصي کان ڪوتاهي ڪري علم حاصل نہ ڪيو جڏهن تہ يورپ ان ڏس ۾ تمام گهڻو اڳتي وڌي چڪو

آهي. هاڻي ان خال کي پر ڪرڻ ۾ تمام گهڻو عرصو درڪار آهي. تيستائين مجبوراً اسان کي مغربي دنيا کان ماڊرن سائنس جو علم حاصل ڪرڻو پوندو. پر ان مان مراد اها آهي ته اسان کي مغرب کان رڳو سائنسي علم حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي پويان جيڪا فلاسفي آهي، ان کان مسلمان نوجوانن کي بچائڻ نهايت ضروري آهي. مسلمان سائنسدانن جو فرض آهي ته طبعي سائنس مان اهڙا نتيجا اخذ ڪن، جيڪي اسلام سان مطابقت رکندا هجن. اهڙيءَ طرح جيڪي نتيجا نڪرندا، انهن جو مغرب جي مادي فلاسفيءَ سان ڪو واسطو نه هوندو. اهو بلڪل ممڪن آهي ته سائنسي علم ته حاصل ڪيا وڃن، پر مغرب جي ذهني غلاميءَ کان پاڻ کي بچايو وڃي .

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مسلم نوجوان خالص سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل علم حاصل ڪن، پر ڪو نئون فلاسفيڪل نقطه نگاهه مغرب کان اخذ نه ڪن، جنهن جو بنياد مغرب جي مادي تهذيب تي ٻڌل هجي. جيڪڏهن مسلمان تعليمي ماهر مون کان راءِ پڇن ته آئون سفارش ڪندس ته مغربي علمن مان مسلمانن کي رياضي ۽ طبعي سائنسون ته ضرور سکڻ کپن، پر يورپ جي فلاسفي، لٽريچر ۽ تاريخ سکڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي. يورپ جي لٽريچر ۽ تاريخ سکڻ مان مغربي تهذيب جي قدرن کي هٿي ملي ٿي ۽ اسلام جي روح سان ان جي ڪا مطابقت نه هئڻ ڪري، اسلامي عقيدن کي نقصان رسي ٿو. ان جي بدران اسلامي لٽريچر پڙهايو وڃي. ساڳيءَ طرح دنيا جي تاريخ به يورپي نقطه نگاهه کان پڙهائڻ مسلمانن لاءِ نقصان جو باعث آهي؛ ڇو ته رومن تهذيب جي اثر هيٺ يورپ وارا دنيا کي ٻن حصن ۾



وراهي، هڪ حصي کي مهذب ته ٻئي کي وحشي تصور ڪن ٿا. يورپ جا رهواسي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي برتر تصور ڪندي، ٻيءَ سڄي دنيا کي غيرمهذب ۽ وحشي سمجهندا آهن. هو سموري انسانيت کي ان تعصب واري نگاهه سان ڏسن ٿا. ان ڪري تاريخ کي يورپي نقطه نظر سان پڙهائڻ نهايت خطرناڪ آهي.

يورپ وارن جي نگاهه ۾ دنيا ڄڻڪ يورپ وارن لاءِ خلقي ويئي آهي ۽ ٻيون قومون يورپ جي غلاميءَ لاءِ پيدا ڪيو ويون آهن. تاريخ جو اهڙو مطالعو ٻين قومن ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ غير محسوس طريقي سان ٻين قومن کي يورپي قدرن اپنائڻ ۾ ئي پنهنجي فلاح نظر اچڻ لڳي ٿي. ان ڪري تاريخ کي يورپ واري نقطه نظر سان پڙهائڻ نهايت هاڃيڪار آهي.

اسان کي يقين آهي ته اسلامي اقدار حيات، اسلام جو سماجي انصاف، اسلام جي شخصي آزادي، مغربي تهذيب جي انهن عنصرن کان گهڻو برتر ۽ اعلي آهن. اسلام، نسلي امتياز جو خاتمو ڪري،انساني برادري ۽ اخوت جو رستو کولي ڇڏيو آهي. مغربي تهذيب اڃان تنگ نظريءَ، نسلي ۽ قومي تضادن کان مٿي اٿي نه سگهي آهي. اسلام طبقاتي ڪشمڪش کان واقف ٿي نه آهي. جڏهن ته يورپ جي سموري تاريخ يوناني ۽ رومي سلطنتن جي زماني کان وٺي اڄ تائين طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ سماجي نفرت سان ڀري پيئي آهي. اسين ورجائي ورجائي اها ڳالهه ٿا چئون ته رڳو هڪ شئي آهي، جيڪا مسلمان مغرب کان سکي سگهن ٿا، اها آهي، عملي سائنس، پنهنجي خالص ۽ عملي شڪل ۾. ان هڪ ڳالهه جي ڪري مسلمانن کي مغربي تهذيب کي اسلامي تهذيب کان برتر سمجهڻ نه گهرجي،

جيڪڏهن هو ائين سمجهن ٿا ته ان جو مطلب ته آهي ته هو اسلام کي نٿا سمجهن. مادي علم ۾ هڪ ڪلچر يا تهذيب جي برتري، ان تهذيب کي ٻيءَ تي برتر ثابت نه ٿي ڪري، برتري ان وقت ثابت ٿيندي، جڏهن ڪا تهذيب اخلاقي طورتي ٻيءَ تهذيب کان اعليٰ هجي ۽ انساني زندگيءَ جي سمورن گوشن ۾ سندس روش ٻيءَ تهذيب يا ٻي ڪلچر کان اتم ۽ اعليٰ هجي. ان ميدان ۾ اسلام ٻين سمورن ڪلچرن کان اتاهون آهي.ضرورت ان جي اصولن ۽ حڪمن تي عمل ڪرڻ جي آهي.

ساڳئي وقت اها به ضرورت آهي ته اسين مغربي تهذيب جي نقالي نه ڪريون. مغربي تهذيب، اسلام جي جسم ۽ روح کي جيترو نقصان پهچائي ٿي، اهو ان فائدي کان وڌيڪ آهي، جيڪو مادي طور پهچائي سگهي ٿي.

مسلمانن ماضيءَ ۾ سائنسي علوم نه پڙهڻ ڪري غلطي ڪئي، پر مغرب جي انڌي نقالي ڪري هو ان غلطيءَ جو ازالو ڪري نه ٿا سگهن. اسان جي غربت ۽ سائنسي پسماندگي ان نقصان جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت نه ٿي رکي، جيڪو مغربي تعليمي نظام جي اکيون پوري تقليد ڪرڻ سان مسلم دنيا کي مذهبي طور رسندو. اسين جيڪڏهن اسلام جي صداقتن کي ڪلچرلي طور محفوظ رکڻ چاهيون ٿا ته اسان کي مغربي تهذيب جي ان زهريلي فضا کان پنهنجي سوسائٽيءَ کي بچائڻو پوندو، جيڪا تيزيءَ سان اسان جو گهيرو ڪري رهي آهي.

مسلمان، زندگيءَ جي مغربي طرز ۽ طريقي جي نقالي ڪرڻ سان، بتدريج مغربي سوچ اختيار ڪرڻ تي مجبور آهن، ڇو ته ظاهري ماڊل



جي نقالي آهستي آهستي انسان کي ڪائنات بابت ان نقطه نظر اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي، جيڪو ان ماڊل جي بنياد ۾ موجود هوندو آهي.

## مغرب جي نقالي

اسلامي تهذيب جي وجود ۽ احياءَ لاءِ مغربي طرز زندگيءَ کي اختيار ڪرڻ يا سماجي ميدانن ۾ نقالي ڪرڻ، زبردست خطري جو باعث آهي. ان مرض جي جڙ ڪيترا ڏهاڪا اڳ جي ان دور ۾ پوشيده آهي، جڏهن مسلمانن پنهنجي سوسائٽي جي زبون حاليءَ جي مقابلي ۾ مغرب جي مادي ترقي ۽ طاقت ڏٺي.

جيئن ته مسلمان ان وقت اسلام جي حقيقي تعليمات کان نا واقف هئا. جيڪو نتيجو هو علم وارن جي تنگ نظريءَ جو ) ان ڪري ان خيال جنم ورتو ته شايد مسلمان باقي دنيا جي ترقيءَ جو ساٿ ڏيئي نه سگهندا، جيسين مغرب جي اقتصادي ۽ سماجي اصولن کي نه اپنائيندا، ان دور ۾ اسلامي دنيا جامد ٿي چڪي هئي ۽ گهڻا مسلمان ان سطحي نتيجي تي پهچي چڪا هئا ته اسلامي اقتصادي نظام ۽ اسلامي طرز زندگي ترقيءَ جي ضرورتن سان هم آهنگ نه آهن، ان ڪري انهن کي مغربي لائين مطابق تبديل ڪرڻ ضروري آهي. اهي نام نهاد روشن خيال اها تڪليف ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ته معلوم ڪن ته اسلامي تعليمات ڪيتري قدر مسلمانن جي پستيءَ لاءِ ذمه وار هيون. انهن اسلام جو صحيح رويو معلوم ڪرڻ جي به ڪا ڪوشش نه ڪئي، نه قرآن ۽ حديث کي سمجهڻ جي لاءِ ڪا محنت ڪيائون، انهن رڳو اها پڪار جاري رکي ته سندن وقت جي عالمن جي

تعليم گھٽي ياڳي ترقي ۽ مادي ڪارنامن جي حصول جي رستي ۾ رڪاوٽ آهي.

انهن اسلام جي اصلي سرچشمن ڏانهن متوجه ٿيڻ جي بدران، فقه کي شريعت جو هم پلئه سمجهيو ۽ ان ۾ ڪين ڪيترين ڪوتاهيون ڏسڻ ۾ آيون. اڳتي هلي انهن جي اسلامي شريعت مان دلچسپي ختم ٿي ويئي ۽ ان کي ماضيءَ جي هڪ تاريخي شئي تصور ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح انهن کي مسلمانن جي پستيءَ جو هڪڙو ئي حل نظر اچڻ لڳو يعني. مغربي تهذيب جي نقالي. ويجهي دور ۾ ڪيترن اسلامي مفڪرن جهڙوڪ شهزادي سعيد حليم پاشا اسلامي شريعت جي تائيد ۾ عاليشان ڪتاب لکيا آهن ۽ ثابت ڪيو آهي ته اسلامي شريعت ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ نه آهي. انهن ڪتابن جو اثر اڃان محسوس ٿيڻ مس لڳو ته ٻين مصنفن معذرت خواها نه ڪتاب لکيا، جن ۾ اسلامي شريعت جي عملي پهلوءَ بابت ته ڪجهه نه لکيائون، پر ان ڳالهه جي وڪالت ڪيائون ته اسلامي شريعت کي مغربي قومن جي سماجي ۽ اقتصادي تصورن جي تابع رکيو وڃي. اهڙي طرح مغربي تهذيب جي نقاليءَ جو رستو مسلمانن لاءِ هموار ڪيو ويو ۽ اسلام جي سماجي اصولن کي بتدريج ترڪ ڪيو ويو. نتيجي طور اڄ ڪيترن ترقي پذير اسلامي ملڪن ۾، ترقيءَ جي نالي تي مغربي افڪار ۽ طرز حيات کي ترجيح ڏني وڃي ٿي، ان بحث جو ڪو فائدو نه آهي. جيڪو ڪيترا مسلمان دانشور ڪندا رهندا آهن ته اسين هڪ طرح زندگي گذاريون يا ٻيءَ طرح، ان سان روحاني طور ڪو فرق نه ٿو پوي، اسين يورپي لباس پهريون يا پنهنجو اباڻو لباس، اسين پراڻن رسمن تي هلندا رهون يا نيون رسمون اختيار ڪريون، ائين



برابر آهي ته اسلام ۾ تنگ نظري نه آهي. اسلام انسان کي عمل لاءِ وسيع ميدان ڏئي ٿو بشرطيڪ هو اسلامي حڪمن جي پيچڪڙي نه ڪري، ان ۾ ته ڪو به شڪ نه آهي ته مغربي تهذيب جون ڪيترين ڳالهيون جهڙوڪ عورتن ۽ مردن جو آزاد نه ميل جول ، يا وياجي ڪاروبار اسلام جي صريح خلاف آهن، پر مغربي تهذيب جو بنيادي خاصيت ئي اها آهي ته انسان کي غير محسوس طور تي مذهب کان لاپرواهه ڪريو ڇڏي. معلوم هئڻ گهرجي ته سطحي سوچ رکڻ وارا شخص ئي ان ڳالهه ۾ ويساه رکي سگهن ٿا ته ڪنهن تهذيب جي نقالي انسان کي گهري طور متاثر ڪرڻ کان سواءِ به ممڪن آهي. جنهن لمحي اسين ڪنهن تهذيب جي ظاهري شڪل کي قبول ڪريون ٿا، ان لمحي ان جا خفيا وهڪرا آهستي آهستي اسان جي اندر ۾ اثر ڪرڻ شروع ڪن ٿا ۽ اسان جو ذهني برتاءُ مڪمل طور تبديل ٿي وڃي ٿو. ان جو ثبوت اسان کي هن حديث ۾ ملي سگهي ٿو.

من تشبه بقوم فهو منهم. ( مسند ابن حنبل ۽ سنن ابي دائود )

(جيڪو شخص ڪنهن قوم جي مشابهت اختيار ڪندو ته اهو انهن مان شمار ٿيندو.)

ان مان ثابت آهي ته مسلمان جيڪڏهن ڪنهن غير مسلم تهذيب جي نقالي ڪندا ته اها تهذيب کين ڳڙڪائي ويندي.

ان ڏس ۾ سماجي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن ۾، ضروري، ۽ غير ضروري، پهلو ڳولڻ بيڪار آهي، ڇا لاءِ ته ڪا به شئي غير ضروري نه آهي. مثال طور لباس بابت ائين سوچڻ تي ڪو اثر نه ٿو ٿئي، غلط ٿيندو، ڇو ته لباس ڪنهن قوم جي ڊگهي عرصي تائين هڪ خاص ذهني لاڙي، پسند، امنگن ۽ خواهش جو عڪاس هوندو آهي. ان ۾ ڦير

ڦار بہ ان قوم جي ضرورتن ۽ رويي ۾ ڦير ڦار جي نتيجي ۾ ٿيندي آهي. جيئن اڄ يورپ جو لباس اتان جي ذهني ۽ اخلاقي ڪردار مطابق آهي. هڪ مسلمان، يورپ جو لباس استعمال ڪرڻ وقت پنهنجي ذهني ۽ اخلاقي وجود کي نئين لباس مطابق تبديل ڪري ٿو. ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي قوم جي ڪلچرلي ۽ تهذيبي لاڙن ۽ پسند کان هٽي ڌاريءَ قوم جي ذهني غلامي قبول ڪري ٿو.

جيڪڏهن هڪ مسلمان يورپين لباس، يورپين طرز معاشرت ۽ زندگيءَ جي نقالي ڪري ٿو تہ هو يورپي تهذيب لاءِ پنهنجي ترجيح ظاهر ڪري ٿو. اهو ممڪن نہ آهي تہ هڪ ڌاريءَ تهذيب جي ذهني ۽ ڪلچرلي نقالي بہ ڪئي وڃي ۽ ان جي روح کان نفرت بہ ڪئي وڃي. اهو بہ ناممڪن آهي تہ ڪنهن تهذيب کي دل سان پسند بہ ڪيو وڃي، جيڪا مذهبي طرز زندگيءَ جي مخالف هجي ۽ ساڳئي وقت سنو مسلمان بہ رهي سگهجي. ڪنهن ڌاريءَ تهذيب جي نقالي، احساس ڪمتريءَ جو نتيجو هوندي آهي. مغربي تهذيب جي نقالي ڪندڙ مسلمان ان احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهن. اهي جڏهن مغربي تهذيب جي چمڪ دمڪ ۽ مغرب جي ترقي ڏسن ٿا ۽ ساڳئي وقت ان کي مسلم دنيا جي زبون حالي ۽ پستيءَ سان ڀيٽين ٿا تہ سمجهن ٿا تہ نجات جو رستو رڳو مغرب جو رستو آهي. پنهنجي ڪوتاهين جو قصور اسلام تي مڙهڻ، اڄ ڪالهہ جو فيشن بڻجي چڪو آهي. اسان جا نام نهاد دانشور معذرت خواها نہ رويو اختيار ڪري، پاڻ کي ۽ ٻين کي يقين ڏياريندا آهن تہ اسلام ۽ مغربي تهذيب گڏجي هلي سگهن ٿا.



ان ڪري ضروري آهي تہ اسلام جي احياءَ لاءِ سڀ کان پهريائين مسلمان پنهنجي مذهب جي باري ۾ معذرت وارو رويو ڇڏي ڏين. مسلمان کي پنهنجي مذهب تي فخر ڪرڻ گهرجي، هن کي يقين هئڻ کپي تہ هو ٻين کان مختلف آهي ۽ ان تي کيس فخر هئڻ کپي. ان ڳالهہ تي تہ هو ٻين سڀني کان مختلف آهي ۽ کيس شرمسار ٿي ٻين جي تهذيب اختيار ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ان جو اهو مطلب بہ نہ آهي تہ مسلمان ٻين کان الڳ ٿلڳ رهن. ٻين جي سٺين شين کي اهڙي طرح اختيار ڪرڻ جو پنهنجي تهذيب کي بہ ڇيهو نہ رسي، اها تہ فائدي مند سوچ آهي. ان جو هڪ مثال يورپ جي بيداريءَ واري دور ۾ ملي ٿو . ان دور ۾ يورپ وارن عرب اثرن کي بنا دير قبول ڪيو. خاص ڪري تعليمي ميدان ۾. ڪا بہ تهذيب نہ تہ ترقي ڪري سگهي ٿي ۽ نہ قائم رهي سگهي ٿي، جيستائين ان ۾ خود اعتمادي ۽ پنهنجي ماضيءَ تي فخر نہ هجي.

پر مسلم دنيا، يورپ جي نقاليءَ ۾ مغربي طريقن ۽ خيالن جي ڪاپي ڪرڻ سان پنهنجي ماضيءَ سان ناتا ٽوڙي، پنهنجو روحاني ۽ ڪلچرلي ورثو وڃائي رهي آهي. ان جو مثال ان وڻ وانگر آهي، جيڪو تيستائين مضبوط هو، جيستائين سندس پاڙون زمين ۾ اونهيون هيون، پر مغربي تهذيب جي طوفان سندس پاڙون ڪوڪليون ڪري ڇڏيون آهن ۽ اهو وڻ خوراڪ نہ ملڻ سبب ڪرڻ جي قريب آهي، ان جا پن ڇڻي ويا آهن ۽ ٽاريون سڪي ويون آهن. هاڻي باقي ان جو ٿڙ وڃي رهيو آهي، جنهن جي ڪرڻ جو هر وقت خطرو لڳو پيو آهي.

ان ڪري مغربي تهذيب اسلامي دنيا کي سندس دماغي ۽ سماجي هيٺانيءَ کان ( جيڪا عملي مذهب کي ترڪ ڪري رسمي مذهب اختيار ڪرڻ سبب ٿي آهي ) بچائي نہ ٿي سگهي. ان حالت ۾ اسلامي دنيا جي پنهنجي ذهني ۽ روحاني بيداريءَ لاءِ ( جنهن جي ڪيس هن وقت شديد ضرورت آهي ) ڪيڏانهن واجهائي؟ ان سوال جو جواب نهايت آسان آهي. حقيقت ۾ اسلام نہ رڳو قلبي يقين جو نالو آهي، پر شخصي ۽ سماجي زندگيءَ گذارڻ جو مڪمل پروگرام پڻ آهي، ان کي جيڪڏهن ڪنهن ڌارئي ڪلچر سان، ( جنهن کي پنهنجو ڌار اخلاقي نظام هجي ) ڳنڍيو تہ اهو تباهہ ٿي ويندو. ساڳيءَ طرح ان کي زندهہ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان کي پنهنجي زندگين ۾ عملي طور اختيار ڪجي ۽ شخصي توڙي سماجي طور طريقا ان جي تعليم مطابق قائم ڪيا وڃن.

نون خيالن ۽ متضاد ڪلچرلي وهڪرن جي وچ ۾ جن جو اڄ ڪالهہ زور آهي، اسلام خالي تماشائي نہ رهندو. اهو ڏکيءَ ننڊ مان بيدار ٿي رهيو آهي. ان کي يا تہ ترقي ڪري اوج تي رسڻو آهي يا ختم ٿي وڃڻو آهي. مسلمانن جو مثال، هن وقت، ان مسافر وانگر آهي، جيڪو چو واٽي تي اچي پهتو آهي. هو يا تہ ان طرف ويندو، جنهن طرف، مغربي تهذيب، جو بورڊ لڳل آهي ۽ ان حالت ۾ هن کي پنهنجي سموري ماضيءَ کي، خدا حافظ، چوڻو پوندو يا تہ، حقيقي اسلام، جو رستو ڪيس اختيار ڪرڻو پوندو. اهو رستو ئي اهڙو آهي، جيڪو هر ان شخص کي اپيل ڪري سگهي ٿو جنهن کي پنهنجي ماضيءَ ۾ يقين آهي ۽ هو ان کي زنده مستقبل ۾ بدلائڻ ۾ بہ ويساهہ رکي ٿو.



علي اڪبر راهمون

# مسلمان امت جي حالت زار

مسلمانن جي سڀ کان وڏي بد قسمتي هن کان وڌيڪ کهڙي چئبي، جو اڄوڪي دنيا ۾ هو ٽي وڏن ٽولن ۾ ورهائجي چڪا آهن. سندن ڪردار ۽ روين مان اهو ڪجهہ صاف صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪي سندس دشمن چاهي ٿو. پهريان ٻئي مسلمانن جا گروهہ يا جماعتون اهي آهن، جن مغربي نظام کي ڪٽي دل سان ڪونہ مڃيو آهي، پر ان ۾ جيئري رهڻ ۽ ان جا سمورا فائدا وٺڻ کي جائز سمجهي ورتو آهي ۽ ان جي جائز ناجائز سڀني ادارن کي مڃي پڻ ورتو آهي. ياهيئين چئجي تہ مسلمانن جي انهن ٻنهي ٽولن مغربي تهذيب سان سمجهوتو ڪري ورتو آهي. اهڙي طرز جي زندگي گذارڻ ۽ پنهنجي دل کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ وٽن ڪوڙ سارا دليل موجود آهن. شرعي ۽ فقهي جواز ۽ تاويلون پڻ موجود آهن. انهن مان سڀني کان وڏو ٽولو ۽ جماعت اها آهي، جيڪا پنهنجي پر ۾ تزڪيي نفس ۽ روحاني تربيت جي وڏي علمبردار آهي، ۽ تبليغ کي، امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر، جهڙي اعليٰ ۽ ارفع فرض جو نعم البدل سمجهندي آهي، اڄڪلهہ حج ڪانپوءِ سڀ کان وڏو اجتماع رائيونڊ ۾ تبليغي جماعت جو ٿيندو آهي. جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا چون ٿا تہ اسان کي ان ۾ روحاني ڪيف ۽ سڪون محسوس ٿئي ٿو ٻيو وڏو اجتماع دعوت اسلامي وارن جو ٿيندو آهي، جيڪا پنهنجي مسلڪ مطابق ڪيترن ئي گذريل سالن کان هڪ وڏو تبليغي اجتماع منعقد ڪندي آهي. هن کان سواءِ

روحاني خانقاهن ۽ مزارن تي ننڍا ننڍا ڪيترائي ميڙ، ميلا منعقد ٿيندا رهندا آهن. هنن مڙني جماعتن جا فرد پنهنجي ذاتي ڪردار جي پاڪيزگي ۽ روحاني باليدگي تي زور ڏيندا آهن. ۽ تزڪيي نفس کي پنهنجو نصب العين سمجهندا آهن. انهن ميڙن ۽ ميلن جو ماحول ڪٿي روح پرور ۽ روحاني باليدگي جو باعث هوندو آهي، ته ڪٿي وري روايتي ۽ ثقافتي نوعيت جو هوندو آهي. انهن خانقاهن تي ويٺلن بزرگ ۽ گادي نشين پنهنجين دعائن، تسلين ۽ تشفين سان ذهني مريض ۽ پريشان حال ماڻهن لاءِ لمحاتي سڪون جو باعث بڻبا آهن.

غربت، بي روزگاري، ۽ لا علاج بيمارين جا شڪار ٿيل ماڻهو پنهنجي آس پاس جڏهن واهر وسيلو نه لهندا آهن، ته اهڙي قسم جي اجتماعن ۽ خانقاهن جو منهن ڪندا آهن. جتي ڪجهه دير لاءِ ڏک سور وساري دل جو بار هلڪو ڪندا آهن. اجتماعي دعائن ۾ شرڪت ڪري دل کي پيا آٿت ڏيندا آهن. اهي سڀ روحانيت ۽ راحت جا ڳولاؤ ماڻهو آهن، پر انهن کي هن ڳالهه سان ڪوبه غرض ناهي، ته معاشري جا مسئلا ڪهڙا آهن ۽ سماج ۾ وهي واپري ڇا رهيو آهي، اسين نظام ڪهڙي ۾ جيئون ٿا. نئين نسل کي تعليم ڪهڙي ڏني پيئي وڃي. بس، انهن کي پنهنجي ڪم سان ڪم آهي. صرف تبليغ ۽ ذاتي تزڪي جو اونو ۽ ماڻهن کي پنهنجي مسلڪن موجب راسخ العقيده مسلمان بنائڻ ئي سندن واحد مقصد آهي.

ٻيو ٽولو انهن عالمن ۽ فقيهن جو آهي، جن کي اهو يقين ٿي چڪو آهي ته اسان تي جيڪو مغربي سياسي، معاشي ۽ عدالتي نظام مڙهيل آهي، اهو ڪڏهن به بدلجڻو ناهي، نه وري هن نظام کي بدلائڻ جي جدوجهد ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي، هو صرف هن ڳالهه سان



سمجهو تو ڪري ويٺا آهن ته اسان کي رڳو هن نظام جي ڇٽي جي ساڀي ۾ جيئري رهڻ لاءِ گنجائش ڪڍڻي آهي ۽ حالتن سان سمجهوتو ڪرڻو آهي. عالمن جو اهو ٽولو وري ٻن مسلڪن ۾ ورهايل آهي، هڪڙا جديديت ۽ مغربيت جي رنگ ۾ رنگجي چڪا آهن، جن جو خيال آهي ته اصل اسلام آهي ئي مغربي تهذيب. هو مغربي تهذيب جون خوبيون عين اسلام مطابق ڳڻائين ٿا. انهن جي روشن خيالي ايستائين وڃي پهتي آهي، جو هو مغربي مفڪرن کان به ٻه وکون اڳتي نڪري چڪا آهن. بي راه روي کي به اجتهاد جي بنياد تي جائز ۽ مباح قرار ڏيڻ لڳا آهن. جنهن لاءِ هو عجيب وغريب تاويلون ۽ دليل گهڙين ٿا. علماء ڪرام جو ٻيو ٽولو اهو آهي، جيڪو هن مغربي تهذيب جي قائم ڪيل ادارن کي يا ته مشرف به اسلام ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪڏهن ايئن ڪرڻ ممڪن نه ٿئي ته ان ۾ رهندي وڏ ڪا وڏ حلال، حرام جي تميز ٻڌائي پاڻ کي پنهنجي ذميداري کان آجو سمجهي ٿو، ائين جيئن عام مسلمان سڪون جي ننڊ سمهي پوي ۽ اهو سمجهي ته ان حرام ڪونه کاڌو آهي. اهڙي طرح مغرب وارا به مطمئن رهن ته سندن پورو نظام صحيح سالم ۽ زنده آهي، ۽ اهڙي طرح سرمائيداري نظام پنهنجي پوري آب تاب سان چمڪندو رهي ٿو.هن کان به وڌو ظلم هي ٿيو آهي ته عالمي ليول تي اڄڪلهه مغربي نظام ۾ مسلمانن کي مطمئن رکڻ لاءِ حلال مال جو هڪ گوشو مخصوص رکيو ويو آهي، جنهن جو تازو مثال مسلمان نوجوانن کي پاڻ ڏانهن جڪڻ لاءِ ايمسٽرڊيم جي بازار حسن ۾، حلال طوائفن جو اشتهار پڌرو ٿيو آهي، يعني اهڙيون عورتون جيڪي خنزير جو گوشت ڪونه ٿيون کائين، شراب ڪونه ٿيون پيئن ۽ پردي سان ٿيون رهن، اوهين جيڪڏهن

انهن مان ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ چاهيو ته ڪري سگهو ٿا ۽ جڏهن چاهيو انهن کي طلاق ڏيئي سگهو ٿا.

بهرحال جيئن به ٿئي انهن جي بازار حسن جا گراهڪ ضرور ٿيو، فيس ضرور ادا ڪريو، هن نازڪ ترين دور ۾ جڏهن هر شيءِ تي مغربي رنگ چڙهيل آهي، ته اسان ۽ اسان جي عالمن به اهو طئي ڪري روتو آهي ته اسان کي هن نظام ۾ ئي جيئرو رهڻو آهي. هن ۾ ئي رهڻ لاءِ گنجائش ۽ جاءِ ناهڻي آهي. هن نظام کي بدلائڻ جي ڪوشش بي سود سمجهي ورتي آهي. ايستائين جو مصر ۽ سعودي ڪجهه عالمن ته آسان نڪاح جو هڪ تحفو پڻ پنهنجي وطن وارن کي مهيا ڪري ڏنو آهي، جنهن ۾ نه مڙس تي نان نفقو لازم آهي، نه وري عورت کي گهر وٺي اچڻ ۽ گهر ۾ رکڻ جي ذميداري. هن شادي ۾ رخصتي جي رسم به ناهي. بلڪ زال مڙس رازداري ۾ ڪنهن به طئي ٿيل جاءِ تي ڪجهه گهڙين ۽ ڪلاڪن لاءِ خلوت ڪري سگهن ٿا. اهو ڇو ڪيو ويو آهي؟ هن ڪري ته انهن ملڪن ۾ غير ملڪي ملازم پيشا عورتن جو اچڻ وڃڻ وڌي ويو آهي. ملڪي ماڻهن جون زالون انهن کي سوڪڻ جي روپ ۾ ڏسڻ نه پيون چاهين، ۽ مردن جي جنسي هوس انهن کي هڪڙو آسان شڪار تصور ڪندي آهي، هجڻ ته ائين کپي ها ته هن مغربي رنگ ۾ رنگيل مخلوط معاشرت جي خلاف آواز اٿاريو وڃي ها، پر ان جي بجاءِ جدت پسند عالمن هيڪاري شرعي حيلي سان جواز ڪڍي ڏنو آهي. هيءُ آهي اهو اصول جنهن جي بنياد تي اسلامي جمهوريت، اسلامي ثقافتي مرڪز، اسلامي معاشيات ۽ پوءِ اسلامي بئينڪنگ وجود ۾ آئي آهي. وياجي سسٽم تي بيٺل سرمائيداري ڪاروبار جي عمارت ۽ جعلي ڪرنسي جي مدد سان جوڙيل نظام ۾ مباح ۽ حلال جو محفوظ رستو ڪڍيو ويو آهي، انهن سيني عالمن ۾ مفتين کي خبر آهي ته سمورو بئينڪاري نظام اسلامي معيشت جي اصولن جي بلڪل ابتڙ، خالص وياجي بنيادن تي بيٺل



آهي. جنهن ۾ دراصل هڪ غير فطري سرمايو تخليق ٿيندو آهي. جنهن سان هن دنيا ۾ سمورا جمهوري، معاشرتي، تعليمي ۽ ڦرلٽ وارا معاشي نظام پيدا ٿيندا ۽ هلندا آهن. ڪير به هن عالمي سرمائيداري نظام جي خلاف آواز نٿو اٿاري، بلڪ هن اندر رهندي اجتهاد ۽ تاويلن جي سهاري نئون حل ۽ حيلو تلاش ڪيو ٿو وڃي، يا ڪا حلال جي صورت ڪڍي ٿي وڃي. جنهن کي شرعي حيلو ٿو چئجي. هڪ وڏي مفتي ليزنگ جي معاملي ۾ عام بئينڪن ۽ اسلامي بئينڪن ۾ موازنو ڪيو آهي، جيڪو پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو ته ڪيئين پوري ليزنگ کي مسلمان ڪيو ويو آهي، چوندا آهن ته ڪنونشنل يا عام بئينڪاري ۾ سندن ڪاتيدار جي گاڏي چوري ٿي وڃي ته ان جي بئينڪ ذميداري نه کڻندي آهي، جڏهن ته اسلامي بئينڪ هن جي پوري ذميداري کڻندي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪنونشنل بئينڪون ته صاف سود چئي ڪري زائد رقم قسطن ۾ وٺنديون آهن. ۽ اسلامي بئيڪون ان کي ڪرايي جو نالو ڏينديون آهن. ٻيو نڪتو هي آهي ته عام بئينڪون ته فوري طور تي قسطون وٺڻ شروع ڪري ڏينديون آهن. جڏهن ته اسلامي بئينڪ جڏهن گاڏي ڪاتيدار کي ملي وڃي، وٺڻ شروع ڪنديون آهن. جيئن هن حيلي سان اها رقم حلال ٿي وڃي، آخري نڪتو ڪمال جو هيءُ آهي ته عام بئينڪون انشورنس ڪرائينديون آهن، جيئن گاڏي جي مالڪ جو نقصان پرجي وڃي. جڏهن ته هڪ اسلامي بئينڪ شرعي انشورنس يعني، تڪافل، ڪرائيندي آهي. دنيا ۾ سرمائيداري نظام، بئينڪن سان گڏ انشورنس نظام هن ڪري جوڙيو هو، جيئن جيڪڏهن بئينڪن يا ڪمپنين ۾ ڪڏهن رقم ٻڏڻ لڳي ته انهن جي مدد لاءِ انشورنس ڪمپنيون اچي وڃن يعني هر صورت ۾ عوام جو پئسو ڦريو لٽيو وڃي ۽ سرمائيدار جو پئسو هر حال ۾ محفوظ رهي.

حاصل ڪلام تہ مغربي نظام پوري دنيا تي حاوي ٿي چڪو آهي، اسان جا عالم ۽ مفڪر ان کي نہ چاهيندي بہ قبول ڪري چڪا آهن، هاڻ هن نظام ۾ جيئري رهڻ لاءِ شرعي حيلي ۽ تاويل جو سهارو ورتي رهيا آهن، حيلي کي شرعي حيثيت فقہ ۾ ڏني ويئي آهي ۽ هن ۾ حرام، حلال ۽ حيلي جو بہ فرق ڪيو ويو آهي، واحد اهو ئي ڪارڻ آهي جو سرمائيداراڻو نظام پنهنجي پوري آب تاب سان مسلمان ملڪن ۾ قائم آهي. اهو وياج جنهن جي خلاف الله ۽ سندس رسول ڪريم جنگ جوٽڻ جو اعلان ڪيو هو اڄ ان جا وڏا وڏا اشتهار اسلامي ديني مرڪزن جي ٻاهران لڳل نظر ايندا، هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اسين هڪ سراسر ناجائز نظام ۾ جيئڻ جا جتن ڪري رهيا آهيون. شرعي حيلن ۽ تاويلن سان دل کي آٿت ڏيئي رهيا آهيون. يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن هن دور لاءِ ئي فرمايو هو تہ الله يهودين تي لعنت فرمائي، جڏهن انهن تي مردار جي چربي حرام ڪئي ويئي تہ هو چربي کي پگهاري، وڪڻي ۽ پوءِ ان جي قيمت کي جائز سمجهي کائيندا هئا. ( نسائي )

ٽيون ٽولو يا مسلمانن جي جماعت اها آهي، جنهن تزڪيي نفس ۽ ذاتي ڪردار کي اهميت مورڳو ئي ڪانہ ڏني، پر خود تي مغرب جي خلاف جهاد فرض ڪري ورتو آهي، صحيح تعليم ۽ تربيت جي ڪمي، ۽ ُ نگ وسطي اغوا ڪرڻ کان وٺي تعصب جي بنياد تي قتل ۽ غارت کي اهڙو فروغ ڏنو ويو جو مغرب تہ ڇا، پر امت مسلمہ جو ساهہ بہ مٺ ۾ آهي، هن ٽولي جي انتها پسندي ۽ دهشت گردي جا ڇنڊا ٻي سڄي مسلمان برادري تي پڻ پئجي رهيا آهن. فڪر هن ڳالهہ جو آهي



تہ هن ٽولي جي درست ۽ حق تي هجڻ جا جواز ۽ دليل پڻ شريعت مان تلاش ڪيا پيا وڃن.

علامہ اقبال سچ چيو هو تہ.

خود بدلتے نہیں , قرآن کو بدل دیتے ہیں<br>
ہوئے کس درجہ فقیہانِ حرم بے توفیق

سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالغفور جمالي آخري قسط

# ترقي پسندي جو بنيادي نظريو

**اسلام ۽ مارڪسزم ۾ فرق:**

مارڪسزم ۽ اسلام جي وچ ۾ جيڪي اختلاف آهن سي هي آهن:

1 - ڪميونزم چوي ٿو ته نبين پنهنجي پنهنجي دور ۾ جيڪي تحريڪو هلايون، سي معاشي ظلم ۽ ڏاڍ جو نتيجو هيون. يعني نبي، خدا جي بندن کي خدا جي واٽ ڏيکارڻ کين آيا هئا، پر نبين جون تحريڪون پنهنجي دور جي معاشي حالتن جون پيداوار هيون. پيغمبرن پنهنجي دور جي جن غلط انسانن سان مقابلا ڪيا، سندن اهي مقابلا حق ۽ باطل جا نه هيا، پر اهو سڀ تاريخ جي طبقاتي جنگين جو سلسلو هو . جيڪو انساني تاريخ جي شروع کان وٺي هلندو اچي ٿو. بين لفظن ۾ خدا جي پيغام وغيره جي نالي سان ڪا به شئي ڪونهي، پر نبي پنهنجي مادي فائدي ۽ خود غرضيءَ لاءِ پيغام ۽ دعوت جو نمونو اختيار ڪندا هيا.اهي انهن ظالمن ۽ ڏاڍن جا نمائندا هئا.پنهنجي فائدي لاءِ انهن وحي ۽ رسالت جو ڍونگ رچايو هو ( استغفرالله).

مارڪس ۽ اينجلز ڪميونسٽ ميني فيسٽو ۾ لکن ٿا:

قانون، اخلاق ۽ مذهب وغيره اهو سڀ ڪجهه خوشحال ماڻهن جو ڦهلايل جار آهي، جنهن ۾ هو عام انسانن کي ڦاسائي، پنهنجا مفاد پورا ڪندا رهن ٿا.



Manifesto p- 61

مذهب جي نظر ۾ سمورا انسان خدا جي مخلوق آهن ۽ انهيءَ حيثيت ۾ هو هڪ جهڙا آهن، پر مارڪسي فلسفو سماج کي ظالم ۽ مظلوم طبقن ۾ تقسيم ڪري، هڪ ٻئي کان ڌار بلڪ هڪ ٻئي جو دشمن قرار ڏئي ٿو، مارڪس انهيءَ اختلاف کي صفا نٿو ميجي، جنهن ۾ انسانن کي هڪ نظر سان ڏٺو وڃي. هن جي نظر ۾ صحيح اخلاقي نظام فقط اهوئي آهي، جيڪو مظلوم طبقي جي حمايت ڪري.

لينن اخلاق جي متعلق تقرير ڪندي 2 آڪٽوبر 1920ع تي ڪميونسٽ ليگ جي سامهون چيو هو:

اسين انهن اخلاقي اصولن کي نٿا مڃون، جيڪي بورژوا طبقي جي طرفان پيش ڪيا وڃن ٿا، انهن اصولن کي خدا جا حڪم ۽ هدايتون قرار ڏنو وڃي ٿو، پر اسين خدا کي ئي نٿا مڃون.

اسان کي يقين آهي ته ڪليسا، زميندار ۽ بورژوا طبقي وارا خدا کي پنهنجي مفاد جي حفاظت لاءِ استعمال ڪن ٿا. اسين اهڙن سمورن اخلاقي ضابطن کي رد ڪريون ٿا، جيڪي ڪنهن بالا هستيءَ طرفان پيش ڪيا وڃن ٿا يا جيڪي طبقاتي تصور تي ٻڌل ناهن، اسين اهڙن اخلاقي قانونن کي دوکو فريب قرار ڏيون ٿا. انهن جي ذريعي سرمائيدارن ۽ زميندارن جو تحفظ ڪرڻ مقصود آهي ۽ مزدورن ۽ هارين جي عقل تي پردو وجهڻو آهي. اسين اخلاقي ضابطو مزدورن جي طبقي وار ڪشمڪش کي سمجهون ٿا. اسان جو اخلاقي ضابطو مزدورن جي طبقاتي جدوجهد ۽ ان جي مفاد تي ٻڌل آهي.

پراڻو معاشرو هارين ۽ مزدورن مٿان زميندارن ۽ سرمائيدارن جي ظلم ۽ لٽ مار تي قائم هو. اسان کي اهڙي سماج، اهڙي نظام ۽ اهڙي

اخلاقي قدرن کي تباه ڪرڻو آهي، پر ان لاءِ اتحاد ۽ ايڪي جي ضرورت آهي. اهڙي قسم جو اتحاد خدا نٿو پيدا ڪري سگهي. اهو اتحاد ڪارخانن ۽ فيڪٽرين ذريعي ئي قائم ٿي سگهي ٿو ۽ پورهيت طبقي جي ذريعي ئي قائم ٿي سگهي ٿو ، پورهيت طبقو ئي عوام کي متحد ڪري سگهي ٿو ۽ مقابلو اهو ئي طبقو ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اهو طبقو ڪميونسٽ معاشري جي تعمير ڪري سگهي ٿو. ان ڪري اسين انساني معاشري کان ٻاهر ڪنهن به اخلاقي تصور کي نٿا مڃون، اهو هڪ فريب آهي. اسين ته اخلاق انهي شيءِ کي چئون ٿا، جيڪا پورهيت جي مفاد لاءِ هجي.

Lenin – Works p – 68

ٻيو فرق: ساڳيءَ طرح مارڪسزم مذهب جي انهيءَ حق ۽ انسان جي عملي زندگيءَ ۾ رهنمائي ڪرڻ واري حيثيت کي به نٿو مڃي، ڪميونزم، مذهب کي مظلوم طبقي جي خلاف ظالم طبقي جو هٿيار سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو ته مذهب، ظلم ۽ استحصال کي قائم رکڻ جي هڪڙي گهري سازش آهي، جيڪا حق ۽ صداقت جي نالي ۾ شروع ڪئي ويئي آهي. جڏهن ته مذهب جي دعوي آهي ته اهو ابدي سچائي آهي،جنهن ۾ ڦير ڦار نٿي ٿي سگهي ۽ مذهب هر دور جي انسانن جي ضرورت آهي. پر مارڪسي فلسفو اها ڳالهه تسليم نه ٿو ڪري. اهو انساني تاريخ کي مختلف دورن ۾ ورهائي ٿو. جنهن مطابق انساني زندگيءَ ۾ اهڙي سچائي جيڪا ابدي هجي، ٿي ئي نٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته اصول ۽ فلسفا وغيره هر دور جي اقتصادي حالتن پٽاندڙ پيدا ٿين ٿا، جيئن ته اقتصادي دور تبديل ٿيندا رهن ٿا ۽ ڪوبه دور مستقل نٿو ٿئي، تنهنڪري اصول ۽ اخلاق مستقل ڪيئن ٿي سگهن



ٿا. نظريا ۽ اصول وغيره هر دور جي معاشي حالتن خاطر وجود ۾ اچن ٿا. معاشي نظام جي ڦير ڦار سان اهي بدلجي وڃن ٿا. دائمي صداقت جي نالي سان دنيا ۾ ڪابه شئي نه هوندي آهي.

انهي نظريي مطابق اسلام ماضيءَ جي حالتن جي پيداوار هو. ڪافي صديون اڳ معاشي حالتن جي ڪري اسلام جنم ورتو، پر اڄ انسان ترقيءَ جي جنهن منزل تي آهي، ان ۾ اسلام جي ڪابه اهميت ۽ ضرورت باقي نه رهي آهي،هينئر اسلام وٽ اهڙي ڪابه شئي ڪونهي، جيڪا هو انسان ذات کي ڏيئي سگهي، ڇاڪاڻ ته اسلام جنهن دور ۾ جنم ورتو هو، اهو دور انسانيت جي منزل جو وچون دور هو. اهڙو نظريو موجوده ترقي يافته دور ۾ انسانيت کي هرگز فائدو نٿو پهچائي سگهي. اڳوڻا نظريا، موجوده دور لاءِ بيڪار آهن ۽ اڄوڪا نظريا وري آئنده لاءِ بيڪار ثابت ٿيندا، اسلام به پنهنجو ڪم ختم ڪري، هينئر بيڪار ۽ فرسوده ٿي چڪو آهي.

اينجلز دائمي سچائين جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

انسانن لاءِ اخلاق جو معيار ڪڏهن به هڪ جهڙو نه رهيو آهي. جڏهن اسين پنهنجي معاشري تي نظر وجهون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته شعوري يا غير شعوري طور انسان کي اخاقي نظريا پنهنجي عملي تعلقات مان ئي ملندا آهن. تنهنڪري اسين هر انهيءَ ڪوشش جي مخالفت ڪنداسين، جيڪا اخلاقي عقيدي کي انسان مٿان صداقت جي حيثيت سان مڙهيندي هجي. ڪوبه اخلاقي قانون اهڙو ناهي، جنهن کي هميشگي حاصل هجي، نه وري مادي وانگر اخلاقي دنيا جو ڪو مستقل وجود آهي. جنهن جا اصول سڀني قومن ۽ هر دور لاءِ

هڪجھڙا هجن. اسين دعويٰ ڪريون ٿا تہ سمورا اخلاقي ضابطا اقتصادي حالتن مان ئي ڦٽي نڪرن ٿا.

جيئن ٻين شين ۾ ارتقا ٿئي ٿو، تيئن اخلاقيات ۾ بہ ارتقا ٿيندو رهي ٿو، پر بدقسمتيءَ سان اسين اڃا تائين طبقاتي اخلاق جي حدن کان ٻاهر نڪري نہ سگهيا آهيون. اهڙو اخلاق جنهن تي طبقاتي دشمنيءَ جو اثر نہ هجي، اهو تڏهن ئي وجود ۾ اچي سگهي ٿو، جڏهن سوسائٽيءَ مان طبقاتي فرق صفا ختم ٿي وڃي. جيڪو شخص اهڙي اخلاق جي دعويٰ ڪري ٿو، جيڪو نہ متجندو هجي تہ اهو شخص حقيقت ۾ غلط دعويٰ ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ مستقبل جي سماجي جوڙ جڪ بابت تہ ڪوبہ انسان اڳ ڪٿي نٿو ڪري سگهي. جڏهن ائين نٿو ڪري سگهجي تہ پوءِ مستقل اخلاقي قدرن بابت فيصلو ڪيئن ٿو ڪري سگهجي.

سوشلسٽ فلسفي جو اهو ٻيو حصو آهي. جنهن مطابق ممڪن آهي تہ اسلام جي اندر ڪا سچائي موجود هجي، پر ان کي ابدي سچائي نٿو چئي سگهجي. اسلام پنهنجي دور جي حالتن جي ضرورت ٿي سگهي ٿو، پر موجوده دور ۾ اهو ائين آهي،جيئن سيمنٽ ۽ لوهہ جي دور ۾ جهوپڙيءَ ۾ زندگي گذاري وڃي.

ٽيون فرق: مارڪسزم نہ فقط انهن شين ۾ دين ۽ مذهب سان اختلاف رکي ٿو، پر هو تہ ماڳهين دين جي ضرورت جو ئي قائل ناهي. مارڪسزم نہ تہ ڪائنات جي خالق کي مڃي ٿو ۽ نہ وري خدا جي ضرورت محسوس ڪري ٿو. خدا کان هدايت حاصل ڪرڻ جو سوال ئي پري رهيو. مارڪسزم کي مڃڻ کان پوءِ زندگي گذارڻ لاءِ انسان کي ڪنهن بالا هستي ۽ ان جي قانون جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي



ٿئي، جڏهن تہ اسلام چوي ٿو تہ انسان خدا جي شريعت ۽ سندس رسول جي تعليم تي عمل ڪري، پر مارڪسزم اهڙي هدايت کي صفا نٿو مڃي،هو چوي ٿو تہ انسان مادي عمل جي نتيجي ۾ ازخود ڪاميابيءَ ڏانهن گامزن آهي، جيئن تہ ڪنهن خالق ۽ رب کان سواءِ انسان مادي سببن جي ڪري خود بخود موجوده شڪل ۾ آيو آهي ۽ هينئر هو معاشي عمل جي ذريعي اهڙي مستقبل ڏانهن وڃي رهيو آهي، جتي ڪاميابي از خود سندس قدم چمندي ۽ اهو سڀ ڪجهہ حاصل ٿي ويندو ، جيڪو هو چاهي ٿو. مطلب تہ نظريي ارتقا جي ذريعي ڊارون خدا جو انڪار ڪيو تہ مارڪس وري وحي ۽ رسالت کي فضول قرار ڏنو. پر حقيقت ۾ مارڪس خدا ۽ رسول ٻنهي جو منڪر آهي. ڇو تہ هو ڊارون جي نظريي کي بہ تسليم ڪري ٿو ۽ ان جي بنياد تي ئي پنهنجي عمارت ڪڙي ڪري ٿو. اينجلز پنهنجي ڪتاب سوشلزم_ يوٽوپين اينڊ سائنٽيفڪ ۾ لکي ٿو:

دنيا ۾ اهو پهريون ڀيرو امڪان پيدا ٿيو آهي تہ سوسائٽي جو هر فرد اجتماعي پيداوار جي وسيلي اهڙيءَ ريت زندگي گذاري سگهي، جو نہ فقط سندس مادي ضرورتون پوريون ٿيڻ لڳن پر هر شخص پنهنجي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن کي پوري آزاديءَ سان استعمال پڻ ڪري سگهي ٿو. جڏهن پيداوار جي ذريعن تي سوسائٽيءَ جو قبضو ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ انفرادي تحفظ ۽ بقا جي لاءِ ڇڪتاڻ پڻ ختم ٿي وڃي ٿي. اِ هو اُهو دور هوندو،جنهن ۾ انسان صحيح معنيٰ ۾ حيواني دور کان نڪري، سچي انساني زندگيءَ ۾ داخل ٿي ويندو. ان وقت انسان صحيح معنيٰ ۾ فطرت ۽ فطري قوتن تي غالب ٿي ويندو ۽ اهي خارجي طاقتون جيڪي تاريخ تي غالب هيون، انسان جي قبضي ۾

اڇي وينديون. انهيءَ مرحلي تي پهچڻ کانپوءِ انسان کي اها قوت حاصل ٿيندي، جو هو پوري شعور سان پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهيندو ۽ هو مجبوريءَ واري ماحول ۽ حالتن مان نڪري اختيار جي دنيا ۾ داخل ٿي ويندو.

اشتراڪي فلسفي جو اهو ٽيون حصو آهي، جنهن سان اسلام جي پوري عمارت پٽ تي ڪريو پوي ٿي. اسلام جي دعويٰ آهي ته زندگيءَ گذارڻ جو واحد صحيح رستو اهوئي ڏسي ٿو ان کي اختيار ڪرڻ سان ئي سچي ڪاميابيءَ تائين پهچي سگهي ٿو. جڏهن ته مارڪسزم چوي ٿو ته زندگيءَ جي سفر ۾ اسلام جي ڪابه حيثيت ڪونهي. ان سان انسان منزل تائين نٿو پهچي. منزل تي پهچائيندڙ شئي دولت پيدا ڪرڻ جو هڪ خاص نظام آهي، جيڪو تاريخي سببن سان وجود ۾ اچي ٿو. ٻين لفظن ۾ زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جو راز ڪنهن خدائي وحيءَ ۾ ڳولڻ جي ضرورت ناهي،ان جا سبب اسان جي سماجي زندگيءَ ۾ موجود آهن ۽ اهي هر وقت ڪم ڪري رهيا آهن. اسين جنهن ڪامياب زندگيءَ جا خواهشمند آهيون، اها انهن حالتن مان پاڻ مرادو حاصل ٿي ويندي. ان لاءِ خدا ۽ ان جي قانون جي ڪابه ضرورت ناهي.

ان ڪري مارڪسزم ۽ اسلام ۾ بنيادي اختلاف موجود آهن. اينجلز 1882ع ۾ تاريخي ماديت تي بحث ڪندي چيو هو:

اڄ دنيا جي ارتقا ۾ نه ته ڪنهن خدا جي لاءِ ڪا گنجائش آهي، نه وري ڪنهن بادشاهه جي. ڪنهن اهڙي بالاهستيءَ جو تصور،جيڪو مادي دنيا کان ڌار پنهنجو الڳ وجود رکندو هجي، اهو لفظي تضاد کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.



لينن لکي ٿو:

مارڪسزم ماديت جو ٻيو نالو آهي. ان ڪري اها مذهب جي سخت مخالفت آهي. مارڪسزم مادي فلسفي کي تاريخ ۽ عمرانيات جي ميدان ۾ استعمال ڪرڻ جو قائل آهي.

( Lenin on Religion ) يعني مارڪس جو فلسفو ۽ خدا بيزاري اهي ٻه ڌار شيون نه آهن. خدا جي باري ۾ مارڪسزم جي بيانن کي شخصي معاملو قرار ڏئي، سندس فلسفي کان جدا ڪري نٿو سگهجي. سندس سمورو فلسفو خدا جي انڪار تي ٻڌل آهي. مارڪس سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مادي نقطه نظر استعمال ڪري ٿو ، جنهن ۾ خدا مذهب ۽ اخلاق جي ڪابه گنجائش موجود ڪونهي. مطلب ته سندس فلسفي کي مڃڻ سان خدا ۽ مذهب بي معنيٰ لفظ بڻجيو وڃن ٿا.

اسلام ۽ سوشلزم جي وچ ۾ فرق کي نه سمجهڻ جو هڪڙو سبب اهو پڻ آهي ته عام طور تي سوشلزم کي هڪ معاشي نظريو سمجهيو وڃي ٿو. اها اصل ۾ سوشلزم کي سمجهڻ ۾ وڏي چڪ آهي. اصل ۾ سوشلزم، زندگي جو هڪ جامع ۽ مڪمل تصور ڏي ٿو ، بلڪل ائين جيئن اسلام ڏي ٿو. ڪوبه نظريو فقط سياسي يا معاشي نه هوندو آهي، نظريي ۾ ان بنيادي تصور جو عڪس موجود هوندو آهي، جنهن کي انساني زندگيءَ جي باري ۾ اختيار ڪجي ٿو. اسين ڪير آهيون ۽ هيءَ ڪائنات ڇا آهي، اهي اسان جي زندگيءَ جا بنيادي سوال آهن. انهن سوالن جي جواب تي زندگيءَ جا سياسي ۽ تمدني نقشا ٺاهيا وڃن ٿا. اسلام آخرت ۽ موت کان پوءِ واري زندگيءَ جي بنياد تي ئي انهن سوالن جا جواب ڏي ٿو. اهڙيءَ طرح سوشلزم انهن سوالن جو

جواب پنهنجي فلسفي مطابق ڏئي ٿو. ان سان ئي سوشلزم جو معاشي نظام سامهون اچي ٿو. سوشلزم جي عملي نظام کي سندس فلسفي کان جدا ڪري نه ٿو سگهجي.

هونئن به مذهب جي باري ۾ مارڪس ۽ لينن جا قول ڏاڍا خلاف آهن. مثال طور مذهب عوام لاءِ آفيم آهي. خدا ۽ بادشاهه به پوٽ آهن. ان کان سواءِ ڪميونسٽ ملڪن ۾ مذهبي ماڻهن ۽ مذهبي ادارن جي خلاف جيڪي سخت ڪاروائيون ٿينديون رهيون، سي ڪنهن کان ڳجهيون ڪين آهن. مسجدن ۽ گرجا گهرن کي ڪلبن ۾ تبديل ڪرڻ، اوقاف جي ملڪيت کي ضبط ڪرڻ، مذهبي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ، مذهبي تعليم کي ختم ڪري ڇڏڻ، ڪميونسٽ حڪومتن جي انهن حرڪتن کان هر ڪو واقف آهي. مذهب جي خلاف اهي فيصلا اصل ۾ انهيءَ ڪري ٿيا جو مارڪسزم کي پنهنجي فلسفي جي عين مطابق مذهب دشمن اصولن تي قائم ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح مذهب به سچي زندگيءَ لاءِ هڪ پروگرام ڏئي ٿو. جيڪو خدا جي تصورتي قائم آهي، جنهن هيءَ ساري ڪائنات پيدا ڪئي آهي. ان خدا انسان لاءِ ڪي اصول پڻ ڏنا آهن. انهن اصولن مطابق زندگي گذارڻ سان ئي انسان صحيح نموني ارتقا ڪري سگهي ٿو. جيڪا قوم انهن اصولن کي رهنما بڻائي، ان تي عمل ڪندي، اهائي قوم ڪامياب ٿي سگهي ٿي پر جيڪا قوم انهن اصولن کي پٺيءَ پويان اڇلائيندي، اها ناڪام رهندي. مارڪسزم چوي ٿو ته هيءَ ڪائنات پنهنجو پاڻ وجود ۾ آئي آهي ۽ اها مادي قانونن مطابق هلي رهي آهي. انسان مادي قانونن سان ئي ترقي ڪري، موجوده حالت تائين پهتو



آهي. آئينده به انسان جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جو راز انهن مادي قانونن تي عمل ڪرڻ ۾ ئي لڪل آهي.

مارڪسزم چوي ٿو ته هن دنيا جو ڪو خالق نه آهي، جنهن جي مرضيءَ تي هلڻ سان ڪاميابي حاصل ٿئي، نه وري دنيا ۾ ڪي اهڙا ابدي اصول موجود آهن، جن جي پابندي ڪرڻ ضروري آهي. اهو مادي ماحول ئي آهي جيڪو انسان کي سڀ ڪجهه سيکاري ۽ سمجهائي ٿو. سيئي نظريا ۽ تصور مادي حالتن جا ئي پيدا ڪيل آهن. اهي مادي حالتون ئي آهن،جيڪي هن منطقي نتيجي جي طور ڪيس ارتقا ڏانهن وٺي وڃي رهيون آهن. اهو مادو ئي آهي، جنهن انسان کي وجود بخشيو آهي، مادو ئي آهي جيڪو ڪيس زنده رکي ٿو. زندگي جا صحيح اصول پڻ مادو ئي ٻڌائي ٿو. ڪيس آخري ڪاميابي به مادي جي ذريعي ئي حاصل ٿيندي. ڇا اهڙي نظريي کي مڃڻ کان پوءِ خدا ۽ مذهب جو اقرار ڪري سگهجي ٿو؟

حقيقت ۾ مارڪسزم خود هڪ مڪمل مذهب آهي. جنهن وٽ هڪ مڪمل ۽ مستقل فلسفو پڻ آهي. ان وٽ هڪ فڪري نظام پڻ آهي. ساڳيءَ طرح هو هڪ عملي نظام پڻ آهي. ٻين لفظن ۾ مارڪسزم الهامي مذهبن جو مخالف آهي. جتي مذهب هوندو، اتي مارڪسزم نٿو رهي سگهي ۽ جتي مارڪسزم هوندو، اتي وري مذهب زنده رهي نٿو سگهي.

**سوشلزم، مسئلن جو حل:**

مارڪسزم کي جڏهن عملي طور اختيار ڪيو ويو ته معلوم ٿيو ته هي نظريو عملي کان وڌيڪ خيالي آهي. ان ڪري مارڪسزم کي سمجهائڻ لاءِ ان جون تشريحون لکيو ويون. شرحن لکڻ جو اهو

سلسلو اينجلز جي دور کان شروع ٿيو هو جيڪو اڄ سوويت يونين جي ٽٽڻ تائين جاري رهيو ان جون شرحون ايتريون تہ لکيون ويون آهن جو هينئر حقيقي سوشلزم صفا پس منظر ۾ هليو ويو آهي. مارڪس کان اڳ اهو مذهب ئي هو جنهن انسانن لاءِ زندگيءَ جو جامع ۽ مڪمل تصور پيش ڪيو هو ۽ اهو ئي دنيا جي سڀني شين ۽ واقعن جي تشريح ڪندو هو. مارڪس اهو پهريون فرد آهي، جنهن مذهب جي مقابلي ۾ هڪ پورو فلسفو تيار ڪيو. هن مذهب جي ڏنل نظريي کي رد ڪيو ۽ نون بنيادن تي زندگيءَ جي تشريح ڪئي. تاريخ ۾ انسانن مارڪس کان اڳ بہ مذهب جي مقابلي ۾ پنهنجا نظريا پيش ڪيا هئا، پر مذهب جي خلاف انسانن جو اهو عمل ضد ۽ نفس جي برائيءَ جي ڪري هوندو هو، جنهن جي پٺيان ڪو مضبوط دليل نہ هوندو هو. اهو مارڪس ئي آهي، جنهن تاريخ ۾ پهرين دفعي باقاعده دليلن سان خدا جي وجود کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان لاءِ تاريخي بنيادون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان ڏس ۾ مارڪس جو نظريو انساني ذهن کي صفا مطمئن ڪري نہ سگهيو. مسلمانن ۾ بہ (ٿورن ماڻهن کان سواءِ ) مارڪس جي نظريي کي صحيح ۽ بهتر نظريي جي طور قبول نہ ڪيو ويو.

سوشلزم ۽ نراج جي اوسر جو سبب انساني ڏک ۽ سور آهن.

آمريڪا جو مشهور ڪميونسٽ ليکڪ هو ورڊ فاسٽ جيڪو 25 سالن تائين ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ممتاز ليڊر ليکيو ويندو هو ( جنهن 1956ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏي) هڪ مضمون ۾ پنهنجي متعلق لکي ٿو:



آئون ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ مارڪسي بڻجي ويو هوس. آخرڪار مون استعيفا ڏني. استعيفا ڏيڻ کان پوءِ چيو ويو تہ مان مذهبي انسان آهيان. آئون عام معنيٰ ۾ تہ ان جو انڪار نہ ٿو ڪريان، پرمنهنجي مذهب جو بنياد حقيقت ۾ انسان ۽ انسانيت آهي، جيڪڏهن نيڪي ۽ انسان جي بهتر تقدير تي پختو يقين رکڻ مذهب آهي تہ پوءِ مون کي مذهبي سڏائڻ ۾ ڪوبہ عار ڪونهي. مون ٻن سبب جي ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. هڪ اهو تہ مون ڪميونسٽ پارٽيءَ کي امن، جمهوريت، انساني ڀلائي ۽ ڀائيچاري جو واحد علاج سمجهيو هو. ٻيو سبب اهو يقين هو تہ فاشزم جو مقابلو ڪميونسٽ پارٽي ئي ڪري سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ ٻين لکن نيڪ دل انسانن وانگر مون کي بہ اهو يقين هو تہ اسان جا ڪميونسٽ دوست روس جي جيڪا تصوير چٽن ٿا، سا ضرور سچي هوندي.

سوشلزم پنهنجي فلسفي مطابق زندگيءَ جو جيڪو حل پيش ڪيو آهي، اهو هي آهي تہ انسان ڪوشش سان پنهنجيون معاشي حالتون تبديل ڪري. جيئن تہ انسان هڪ مادي مخلوق آهي، تنهنڪري ان جي روش ۽ تبديليءَ جا قانون بہ مادي هئڻ گهرجن. لوهہ مان خاص عمل ذريعي ئي پرزو ٺاهي سگهجي ٿو. انسان بہ هڪ مادي مخلوق آهي، تنهنڪري ڪيس ڏکن ۽ مصيبتن کان نجات ڏيارڻ ۽ سٺي واٽ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ بہ مادي عمل جي ضرورت آهي. مارڪس اهو مادي عمل معاشي پيداوار ڏئي ٿو. مارڪس جو چوڻ آهي تہ پيداوار جو پراڻو نظام جيڪو ذاتي ملڪيت تي ٻڌل آهي. ان کي ڊيرائي اجتماعي ملڪيت قرار ڏيڻ سان انسان ازخود بدلجي خراب

حالتن مان نڪري سنئيءَ حالت ۾ پهچي ويندو ۽ اجتماعي ملڪيت ( نيشلائيزيشن ) سان ڪيس دنيا ۾ ئي جنت حاصل ٿي ويندي .

اصل ۾ اجتماعي ملڪيت جو اهو تصور صنعتي انقلاب کان پوءِ يورپ ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن جو لازمي نتيجو هو. جڏهن ڪا خاص شئي ظلم جو ذريعو بڻجندي آهي ته ماڻهو قدرتي طور اهو سمجهڻ لڳندا آهن ته ظلم انهيءَ خاص شئي جي ڪري ئي ٿيو آهي. پر جيڪڏهن اها خاص شيءِ نه هجي ها ته ماڳهين ظلم ٿئي ئي نه ها. انهيءَ ڪري جڏهن اٺوهين صديءَ جي شروع ۾ صنعت ۽ ڪاروبار چڙواڳ صورت اختيار ڪئي، ماڻهن جي ناجائز مجبوريءَ مان فائدو حاصل ڪري، دولتمندن وڏ ۾ وڏ دولتمند بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندن انهيءَ روش جي نتيجي ۾ سرمائي ۽ پيداواري ذريعن ۽ انفرادي ملڪيت جي خلاف سخت نفرت پيدا ٿي ۽ اهو رجحان پيدا ٿيڻ لڳو ته انفرادي ملڪيت جي بجاءِ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ قومي ملڪيت هجي. مارڪس انهيءَ احساس ڪي شدت سان محسوس ڪيو ۽ هن انهيءَ تصور ڪي دلائل ۽ تاريخي ماديت جي حوالي سان دنيا جي سامهون پيش ڪيو. ان ڪري سوشلزم ڪي مارڪس ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جو نالو ئي مارڪسزم پئجي ويو آهي.

جيئن ته سوشلزم جي تصور اپرڻ وقت يورپ ۾ صنعتي نظام قائم هو ۽ اهو نظام انفرادي ملڪيت جي تصور تي ٻڌل هو. ماڻهو انهيءَ نظام جي لٽ مار ۽ استحصال جي ڪري سخت بيزار هيا، تنهن ڪري انهن قدرتي طور اهو سمجهيو ته انفرادي ملڪيت وارو نظام هوندو ئي ظالمانه آهي، ان ۾ ظلم ۽ ڏاڍ کان سواءِ عام ماڻهن جي ڀلائي



جي ڪا به شيءِ موجود نه هوندي آهي. ان جو مثال اوهين مسلمانن جي حالت مان لڳائي سگهو ٿا. مسلمان توڙي جو عملي طور اسلام کان ڪيڏو به پري چو نه هجن، پر دنيا انهن ڪي اسلام جو نمائندو ئي سمجهي ٿي. انهيءَ صورتحال ۾ جڏهن قومي ملڪيت ۽ سوشلزم جو تصور پيش ڪيو ويو ته انهيءَ نظريي تي ڪافي بحث مباحثا ٿيڻ لڳا ۽ انفرادي ملڪيت جي خرابين لاءِ ان وقت جي سرمائيداري نظام جون خرابيون تفصيل سان بيان ڪيون وينديون هيون.جڏهن ته قومي ۽ اجتماعي ملڪيت جي نظريي لاءِ عملي دلائل پيش ٿيڻ لڳا. اهڙي ماحول ۾ شخصي ملڪيت جي وڪالت ڪندڙن ڪي رجعت پسند سڏيو ويندو هو ۽ اجتماعي ملڪيت جي وڪالت ڪندڙن ڪي روشن خيال.

جيئن ته مذهبي طبقو به ڪن شرطن سان انفرادي ملڪيت جو قائل هو ۽ جائز انفرادي ملڪيت ڪي مذهبي حوالن سان صحيح ثابت ڪندو هو , تنهنڪري مارڪس ۽ سندس ساٿين مذهب ڪي پنهنجي لاءِ چيلينج تصور ڪري، مذهب جي خلاف هڪ وڏو محاذ قائم ڪيو ۽ مذهب ڪي سرمائيدارن جو ڍونگ قرار ڏنو.

### مذهبي طبقي ڪي شڪست:

اتفاق سان هي اهو دور هو , جڏهن يورپ ۾ سائنس ۽ مذهب جي وچ ۾ ٽڪراءَ جو فيصلو مذهب جي شڪست جي صورت ۾ سامهون اچي چڪو هو ۽ اقتدار ڪليسا کان کسجي ماديت جي علمبردارن جي هٿ ۾ اچي چڪو هو. پادرين جن غلط عقيدن ۽ وهمن ڪي مذهب جو نالو ڏنو هو ۽ انهن جي بچاءَ لاءِ هنن سائنسدانن ڪي پڻ قتل ڪيو هو , جديد سائنسي دريا فتون انهن ڪي غلط ۽ بي بنياد ثابت ڪري

چڪيون هيون. انهيءَ صورتحال جو هڪڙو تہ نتيجو اهو نڪتو تہ معاشري ۾ مذهب جو اقتدار ۽ اثر ختم ٿي ويو. ٻيو نقصان اهو ٿيو تہ مذهبي طبقو ذهني طور حالتن کان مرعوب ٿي ويو ۽ اهو احساس ڪمتري جو شديد شڪار ٿي ويو ۽ اهو پاڻ کي غلط ۽ سائنسدانن کي حق بجانب تصور ڪرڻ لڳو. پر انهن مان گهڻا ماڻهو اهڙا بہ هيا، جيڪي حالتن کان مرعوب هجڻ جي باوجود بہ مذهب سان ڪنهن نہ ڪنهن نموني چنبڙيا رهيا. انهيءَ صورتحال ۾ مذهبي طبقي محسوس ڪيو تہ هاڻي مذهب جي اصل خدمت اها آهي تہ مذهب کي جديد نظرين موجب ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. انهيءَ صورتحال کان پوءِ مذهب ڏانهن منسوب غلط ڳالهين علم ۽ عقل جي خلاف حقائق کي ئي مذهب کان خارج نہ ڪيو ويو پر مذهب جي حقيقي ۽ بنيادي تعليم ۾ پڻ ملحد سائنسدانن جي مرضي مطابق ڦير ڦار ڪئي وئي.

اهو سڀ ڪجهہ يورپ ۾ عيسائي مذهب وارن سان ٿي رهيو هو. اسلام جي تہ ڪابہ تعليم سائنس جي برخلاف نہ آهي، نہ وري سائنسدان ڪا اهڙي ڳالهہ دريافت ڪري سگهيا آهن. جيڪا اسلام جي خلاف هجي، پر افسوس تہ مارڪس اسلام جو مطالعو بلڪل نہ ڪيو هو.

اهڙي ماحول ۾ اهڙا ئي عيسائي عالم پيدا ٿيا. جن سوشلزم کي خدا جو پسنديده نظريو قرار ڏنو ۽ سچي اشتراڪيت ۽ گڏيل ملڪيت جي تصور کي هڪڙي شئي قرار ڏنو. جرمنيءَ ۾ عيسائي



اشتراڪيت جي نالي سان نئين اصطلاح ايجاد ڪئي ويئي، اتي 1877ع ۾ هڪڙي پادري ٽاٽ (TooT) هڪ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن سوين حوالا ڏيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اشتراڪيت ۽ عيسائي مذهب جي وچ ۾ ڪوبہ فرق ناهي.

ٽاٽ لکي ٿو:

جيڪو ماڻهو سماجي مسئلن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ گهري ٿو. ان کي گهرجي تہ اهو اقتصاديات ۽ معاشيات سان گڏ اشتراڪيت جا ڪتاب پڙهي ۽ عهد نامہ جديد (انجيل) پڻ.

اشتراڪيت جا اهڙا حامي فرانس ۽ انگلستان ۾ پڻ پيدا ٿيا، جن جو چوڻ هو تہ سوشلزم، عيسائيت جي تڪميل آهي. انگلستان جي پادري پروفيسر فرير ڊرڪ موريس جو چوڻ آهي تہ عيسائيت کي بنا ڪنهن هٻڪ جي اعلان ڪرڻ کپي تہ سندس اقتصادي اصول انجيل کان ورتل آهن.

انگلينڊ جو لارڊ بشپ ويسٽ ڪاٽ عيسائي اشتراڪيت جو زبردست حامي هو- 1890ع ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي، هن چيو هو تہ اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن جون حالتون تمام خراب آهن، دولت جي ورڇ جو موجوده نظام اميرن توڙي غريبن لاءِ هڪجهڙو نقصانڪار آهي،غريب ريچارا بک مرن ٿا.اسان کي جديد اشتراڪي نظام، جيڪو انجيل جي مقصدن سان مطابقت رکي ٿو. اهو ئي تباهي کان بچائي سگهي ٿو. هڪ ٻئي پادري ڪيمبل (compbell) 1907ع ۾ آزاد مزدور پارٽيءَ جي جلسي ۾ تقرير ڪندي چيو هو:

مان اشتراڪي آهيان، ڇاڪاڻ تہ مان عيسائي آهيان، مان انجيل جي مطالعي مان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ حضرت عيسيٰ جي تعليم ۽ اشتراڪيت جي مقصدن ۾ ڪوبہ اختلاف ڪونهي. عيسائيت خدا جي حڪومت قائم ڪرڻ چاهي ٿي. اڻويهہ صديون گذري چڪيون آهن، پر اجان تائين اهو نصب العين حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. پر اي اشترا ڪيو! اوهان نئين سري سان اهو پراڻو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيو تہ گرجا جي صحيح تعليم جي عملي شڪل اوهان وٽ ئي آهي.

جنوري 1908ع ۾ انگلينڊ جي هڪ سو پادرين اشتراڪيت جي حمايت ۾ هڪ بيان جاري ڪيو. هنن غلط فهمي کان بچڻ لاءِ صاف صاف چيو تہ اشتراڪيت ڪا نرالي شئي ناهي، پر اها ساڳي آهي جنهن جو تعلق سڄي دنيا جي اشتراڪين سان آهي، جنهن ۾ دولت جي پيداوار کي گڏيل ملڪيت قرار ڏنو ويجي ٿو. بيان ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو تہ هو اشتراڪيت تي پورو يقين رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اها عيسائيت سان ٺهي پهي ٿي.

عيسائين وانگرجڏهن مسلمانن بہ ڏٺو تہ سوشلزم هن دور جو مذهب بڻجي چڪو آهي ۽ سائنٽيفڪ طرز تي سوچڻ وارا اڪثر ماڻهو ان جا حامي بڻبا وڃن ٿا تہ انهن بہ اعلان ڪرڻ شروع ڪيو تہ اسلام، شخصي ملڪيت جو مخالف آهي، اسلام جو پيغمبر دنيا جو وڏي ۾ وڏو سوشلسٽ هو ۽ سڄو قرآن اشتراڪيت ۽ اشتراڪي تعليم سان ڀريل آهي.



قوم جي معاشي مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ اشتراڪيت جو پروگرام يعني قومي ملڪيت ڪنهن حد تائين صحيح بہ ٿي سگهي ٿو. اجتماعي مفاد خاطر ڪري پرائيويٽ ادارا قومي ملڪيت ۾ وٺي سگهجن ٿا. قديم رياستي نظامن ۾ بہ اهو طريقو رائج هو. پر جديد مارڪسي سوشلزم ان کان بلڪل مختلف شئي آهي. مارڪسي سوشلزم قائم ئي اجتماعي ملڪيت جي تصور تي آهي، اهو شخصي ملڪيت کي فقط انهن حالتن ۾ تسليم ڪري ٿو ، جڏهن ان کي تسليم ڪرڻ کان سواءِ ڪا واٽ نہ هجي. ان جي مقابلي ۾ پراڻو نظام شخصي ملڪيت جي تصور تي قائم آهي ۽ اجتماعي ملڪيت کي ڪنهن خاص ضرورت وقت جزئي طور تسليم ڪري ٿو. جڏهن ڪنهن نظام کي ٻئي نظام جو مخالف چيو ويجي ٿو تہ ان جو مطلب اهو هرگز نہ هوندو آهي تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي جي سراسر خلاف آهن، بلڪ مخالفت جي باوجود ڪن شين ۾ انهن جي مشابهت بہ ٿي سگهي ٿي. اصل شيءِ جيڪا ڏسڻي آهي، ساهيءَ آهي تہ انهن ٻنهي جو زندگيءَ جي باري ۾ رويو ڪهڙو آهي، ان لحاظ کان اسلام ۽ سوشلزم جو جائزو وٺجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ اهي هڪ ٻئي کان ڪافي مختلف آهن.

**نوٽ:** ترقي پسندي نظريي تي وڌيڪ تفصيل لاء سنڌ نيشنل اڪيڊمي جا شائع ڪيل ڪتاب گهرائي سگهون ٿا.

# خواجہ محمد زمان لواري وارن جو ڪلام

## ۽ ان جي تشريح

### تعارف

خواجہ محمد زمان لواري وارا ( 1125 هجري 1188 هجري ) سنڌ جي نقش بندي سلسلي جا سڀ کان وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. حضرت شيخ محمد ابوالمساڪين کان بعيت هئا، انهن هنن جون غير معمولي فطري صلاحيتون ڏسي ڪين، ڇهن مهينن جي اندر ئي خلافت جي سند سان نوازيو.

خلافت نامي جو ترجمو هن طرح آهي.

شيخ محمّد چوي ٿو تہ ياءُ محمّد زمان، الله جي محبت جي راه طئي ڪرڻ جي لاءِ حلقئہ ارادت ۾ شامل ٿيا ۽ اهي، هن فقير جي صحبت ۾ ڪافي وقت تائين رهيا ( هاڻي ) انهن کي طريقت جي تعليم ( ڏيڻ ) جي اجازت ڏني وڃي ٿي، هن شرط سان تہ هو شريعت ۽ طريقت تي قائم رهندا.

انهيءَ اجازت کانپوءِ شيخ صاحب پنهنجي مريدن کي حڪم ڏنو تہ هو خواجا محمّد زمان کا بعيت ٿين. ان کان پوءِ خواجہ ابوالمساڪين، پنهنجي اهل وعيال سان گڏ حج ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا، سندن روانگي، کان ڪجهہ عرصو پوءِ خواجا محمد زمان نئي مان منتقل ٿي پنهنجي ڳوٺ لواري شريف ۾ اچي آباد ٿيا _ ۽ هتي راه محبت جي سالڪين جي تربيت جو ڪم شروع ڪري ڏنائون.



انهن جي خانقاه ۾، سڄي ملڪ مان، روزانو اچڻ وارن جي تعداد تقريباً پنج، ڇہ سئو هئي ۽ اڪثر اها تعداد ٿي چار هزار تائين، پهچي ويندي هئي، ڪانئن فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي هندستان مان ماڻهو ايندا هئا.

ٺٽي مان، لواري منتقل ٿيڻ جو هڪ وڏو سبب جيڪو سندن سوانح نگارن بيان ڪيو آهي، اهو حضرت مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي، جيڪي اسلامي شريعت جي نفاذ جا، مجاز هئا. انهن جي مداخلت هئي، حضرت مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي، جتي تمام وڏا عالم دين ۽ ’ڪثير ڪتابن جا مصنف هئا.

اتي، هو عرفان جي حامل شخصيت پڻ هئا پر جيئن تہ هو، اسلامي شريعت جي نفاذ ۽ بدعات وخرافات، ۽ تصوف جي نالي تي

غلو وغيره جي روڪڻ جي ڪم تي مقرر هئا ۽ حضرت خواجا محمّد زمان، لواري جي خانقاه تي، درد عشق جي غير معمولي غلبي جي سبب، مريدن جي طرفان غلو ٿيندو هو جنهن کي، حضرت محمد هاشم ٺٽوي، برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا سندن طرفان سختي ٿيندي هئي، انڪري خواجا محمّد زمان جي سوانح نگارن جو چوڻ آهي تہ، پاڻ ان مداخلت کان يڪسو ٿي، لواري شريف منتقل ٿيڻ جو فيصلو ڪيائون.

شريعت ۽ تصوف واحسان جي باري ۾ هتي، هي نڪتو بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ اهي ٻئي، هڪ ٻئي جي لاءِ لازم و ملزوم آهن. شريعت اسلامي تعليمات تي پوري طرح عمل ڪرڻ جو نالو آهي

جڏهن تہ تصوف ۾ احسان، اخلاص، بي نفسي، للّهيت ۾ الله جي استحضار کي پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي.

الله سان محبت ۾ درد عشق، جي ذريعي ئي بي نفسي، پيدا ٿئي ٿي، پر تصوف ۾ احسان ۾ جڏهن درد عشق بي پناه وڌي وڃي ٿو تہ اڪثر اوقات، جذبات جي شدت جي اثر هيٺ، صوفياء ڪان، اسلامي شريعت کان تغافل ٿيڻ لڳي ٿو اهڙين حالتن ۾، علماءِ ڪرام جي اها ذميداري آهي تہ هو صوفياء تي جرح ونقد ڪري سندن درد عشق کي اسلامي شريعت سان، هم آهنگ ڪن. جيڪڏهن هو ايئن نہ ڪندا تہ شايد هي دنيا، ٻارن جي راند جو ميدان بنجي وڃي.

خواجا صاحب جي سالن تائين اها حالت رهي تہ هو عشا جي نماز پڙهي، مسجد ۾ مراقبي جي حالت ۾ ويهي رهندا هئا. صبح جي ٻانگ تائين محويت جي حالت طاري رهندي هئي، ڏينهن جو بہ ڪجھ وقت، مسجد ۾ ئي گذاريندا هئا. شهرت ۾ نيڪ ناميءَ کان پري رهندا هئا اڪثر چوندا هئا تہ، دل تہ چوي ٿي تہ هر پل، محبوب حقيقيءَ سان، مشاهدي جي حالت ۾ رهان پر جيئن تہ سالڪن جي تربيت جو حڪم ٿيو آهي تنهن ڪري هن خدمت جي لاءِ بہ وقت ڪيڍو پوي ٿو_

خواجا محمّد زمان لواري وارن جي بيتن ۾ جيڪو ميناج، ذوق و شوق عشق جي زوربياني، محبوب جي محويت جي رنگ جي غلبي جو جيڪو شان موجود آهي اهو بي مثال آهي عشق جي بلند آهنگي جي معاملي ۾ سندن بيت، ٻين عارف شاعرن کان منفرد آهن_



شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي، خواجا محمّد زمان، سان ملاقات جي وقت انهن ٻنهي جي وچ ۾ اشعار جي صورت ۾، جيڪا خيالن جي ڏي وٺ ٿي ان جو ذڪر، معلومات کان خالي نہ ٿيندو.

خواجہ محمّد زمان لواري وارن جي شهرت ٻڌي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سندن زيارت جي لاءِ، لواري شريف ويا. اتي سندن حجري جي ٻاهر منتظر رهيا. انهن جي خادم کي اطلاع ۾ اجازت وٺڻ لاءِ، اندر موڪليائون، خادم اچي جواب ڏنو تہ، خواجا صاحب توهان جي استقبال جي لاءِ پاڻ اچن ٿا. شاهہ صاحب معمولي انتظار ڪيو پوءِ خادم کان پڇيائون تہ، خواجا صاحب ڇاڪري رهيا آهن؟ خادم چيو تہ، مراقبي جي حالت ۾ آهن، تنهن تي شاهہ صاحب پاڻ، حجري ۾ تشريف کڻي ويا ۾ مخدوم صاحب کي مراقبي جي حالت ۾ ڏسندي ئي، هي بيت پڙهيائون.

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ
جن هيئانهان ڪنڌ، آئون نہ جيئندي ان ريءَ.

ترجمو_ درويشن جي سامهون، وڏي منزل پئي آهي هن منزل تائين رسائي جي لاءِ هو سفر جي حالت ۾ آهن، جيڪي، مراقبي جي ذريعي محبوب سان راز ونياز ۾ مصروف آهن، جيڪي دل جي ذريعي، محبوب جي انوار حسن مان فيضياب ٿين ٿا آئون، انهن تي ايڏو فدا آهيان جو انهن جي معيت کان سواءِ منهنجو جيئڻ اجايو آهي، آئون انهن جي لاءِ سڪان ٿو هاڻي منهن جي زندگي انهن سان وابستہ آهي.

خواجا صاحب هنن جي جواب ۾ چيو.

**ڪين آهين، ڪين ٿئين وڃي ڪين ڪماءِ**
**لاڳاپا لوڪ جا، لا سين سپ لهراءِ**
**سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي**

نفي، ۽ رڳو نفي ۽ فناجي مقام تائين رسائي حاصل ڪر، لا، جي ذريعي سيني سان پنهنجا، لاڳاپا ٽوڙ يعني دل کي سيني جي محبت کان خالي ڪر ۽ نفي جو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ سخت مجاهدن کان ڪم وٺ، صاحبان دل، ان کان پوءِ توکي محبوب جي اسرار کان واقف ڪندا، يعني فناءِ نفس، تائين جي مجاهدن کانپوءِ اهو راز حيات، حاصل ٿئي ٿو جيڪو درويشن جي صحبت جو لازمي نتيجو آهي. ان تي شاه صاحب چيو.

**قلم وهي ويو ڪانهن، سرتيون! ڪنهن سهاڳ لاءِ**
**انگ اڳيئي لکيو، ات نہ پهچي ٻانهن**
**ڪنهن کي ڏيان دانهن تہ، پرينءَ مان سين هئين ڪيو.**

قسمت ۾ محبوب سان مفارقت جو داغ لکجي ويو آهي جتي، اها صورتحال هجي يعني محبوب سان جدائي جي قسمت جو تعين ٿي چڪو هجي اتي، سواءِ حسرت ۽ افسوس جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ هاڻي اها دانهن ڪنهن کي ڏجي تہ محبوب، پنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ايڏا فاصلا رکيا آهن جو انهن فاصلن کي عبور ڪرڻ، تمام ڏکيو آهي، ۽ محبوب جي فراق جي صدمي جي دانهن ۽ فرياد ڪنهن کي ڏيان تہ، محبوب مون سان هئين ڪيو. خواجا صاحب ان جي جواب ۾ فرمايو.



**ويهہ وڃي وٺ تن، قلم جني جي هٿ ۾**
**ميٽيو انگ اڳيون، واري ٻيو لکن**
**پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسين پرينءَ کي**

انهن جي صحبت ۽ معيت اختيار ڪر جيڪي، محبوب جا رازدان آهن، محبوب جي مفارقت جي جنهن درد ۾ تون مضطراب آهين ان درد جو مداوا، انهن صاحب دل افراد جي صحبت ۾ آهي جيڪڏهن، قسمت ۾ داغ مفارقت جو فيصلو لکجي بہ ويو آهي تہ انهن جي صحبت ۽ معيت سان داغ فراق جو فيصلو وصال جي فيصلي ۾ تبديل ٿي ويندو_

الله جي محبت جا اهي رازدان، فرد کي، اهڙو پنو پڙهائيندا آهن، جنهن جي ذريعي محبوب جي انوار حسن جي مشاهدي سان لذتياب ٿيڻ جي عظيم سعادت حاصل ٿيندي آهي.

شاهہ ڀٽائيءَ، خواجا محمّد زمان لواري واري جي باري ۾، هڪڙو بيت چيو آهي جيڪو شاهہ جي رسالي ۾ موجود آهي.

**سي مون ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي**
**تنهين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.**

اي امان! مون ان شخصيت کي ڏٺو آهي جنهن کي، محبوب جي مشاهدي جي سعادت عظميٰ حاصل آهي، مون انهن جي وجود ۾ انوار حسن جا جيڪي شعاع ۽ تجليون ڏٺيون آهن اهي، ايڏيون تہ بي مثال آهن جو انهن کي الفاظ ۾ بيان ڪرڻ نا ممڪن آهي.

خواجا محمّد زمان جي ملفوظات جو هڪ ڪتاب پڻ آهي جنهن انهن جا 441 ملفوظات شامل آهن، ملفوظات جو اهو ڪتاب سنڌيءَ

۾ هو پرهاڻي اهو دستياب ناهي البت، سندن خليفي مخدوم عبدالرحيم گر هوڙيءَ فتح الفضل، جي نالي سان ان ڪتاب جو عربيءَ ۾ ترجمو ۽ تشريح ڪئي هئي اها موجود آهي، ان مان ڪجهه پيش ڪجن ٿا.

1 . مراقبي جو طريقو ٻليءَ کان سکڻ کپي جڏهن هوءَ ڪوئن جو شڪار ڪرڻ جي لاءِ سندن ٻر تي نگاه ڄمائي ويهي ٿي.

2 .راه محبت ۾ اچڻ وارا وسوسا ۽ خطرات، ايمان جي خلاف نه آهن بلڪ، اهي ايمان جي علامت آهن. ( ڇو ته انهن وسوسن جي ذريعي ئي، بتدريج، نفس مطمئنه جا مقامات حاصل ٿيندا آهن_ )

3. جيئن ته عام ماڻهو ( قدرت جي مصنوعات ) کي ڏسن ٿا پر، ان سان هو اصل مقصد تائين نٿا پهچي سگهن جڏهن ته عارف، هر شئي جي مشاهدي سان ان جي اصل منشا تائين پهچي وڃي ٿو_

4. سخا هڪڙي تاري آهي جيڪا سخيءَ کي بهشت ۾ داخل ڪرڻ جو ذريعو آهي اهڙي طرح، بخل به هڪڙي تاري آهي جيڪا، بخيل کي جهنم ۾ پهچائڻ جو موجب آهي.

5 . محبوب حقيقيءَ جي انوار جي مشاهدي جو وقت، رات جو ئي وقت آهي

6 . جيڪو ماڻهو محبت ( حقيقيء ) کان خالي آهي اهو ايمان جي ( حلاوت ان ) محروم آهي، جنهن کي، اطاعت جي سعادت حاصل نه آهي ان جو ذڪر ( قابل قبول ) ناهي.

7 . انسان خيال سان قائم آهي، خيال گم ٿي ويو ته انسان، به محو ٿي ويو ( يعني، خيال جيڪڏهن، الله تعاليٰ جي انوار حسن ۾، مدغم ٿي وڃي ته، ٻيائي ختم ٿي، وحدت جو رنگ غالب ٿي وڃي، )



8 .جڏهن فڪر، ڪمال کي پهچندو ته ( جڏهن فڪر جي ذريعي، فنا حاصل ٿيندي ته ) محبوب جو وصال ٿيندو.

9 . سڀئي ظاهري اعمال، قلبي حالات ۽ واردات جا عڪاس هوندا آهن، قلبي احوال ڪانسواءِ، اعمال جو ظهور ممڪن نه آهي، قلبي! قلبي حوال ڪانسواءِ، اعمال جو ظهور ممڪن نه آحي، جهڙي طرح، اڏوهيءَ جو ڇار ان جي پيٽ مان نڪري ٿو ( اهڙي طرح اعمال، باطن مان ظاهر ٿيندا آهن. باطن پاڪيزه هوندا ته، ظاهري اعمال به پاڪيزه ٿيندا ).

10. جيڪو عمل اصولن ( قرآن ۽ سنت ) جي خلاف هجي، اهو، قابل قبول نه آهي.

11. سيرو سلوڪ جي تڪميل، خاڪ تائين رسائي، يعني پنهنجي ذات جي مڪمل فنائيت ڪانپوءِ ٿئي ٿي.

12 . راڳ ٻڌڻ فسق آهي ۽ ان مان لذت حاصل ڪرڻ ڪفر مثل آهي ڪامل نه ئي مرندو آهي ۽ نه ئي فنا ٿيندو آهي ( اهو وچواري حالت ۾ هوندو آهي ) .

13 . جڏهن محبوب جو وصال حاصل ٿئي ته ان کان پوءِ جيئن وٽي تئين ڪريو يعني، انڪان پوءِ، محبوب جي تعليمات ۽ مرضيءَ تي انسان هلندو ته سندس نفس جي سرڪشي ختم ٿي ويندي).

# "عشق جي صدا"

## مخدوم محمد زمان لواري واري جا بيت

جڳ تنين جي جاءِ، جنين ڇڏئو جڳ کي
سيپيئي تو سهدا، جي تونہ سهدتن سين

حقيقي سعادت جي دنيا، انهن جي لاءِ مخصوص آهي جيڪي، دنيا جي غلاظت کان پري رهيا ۽ فاني دنيا جي محبت تان هٿ کنيائون جڏهن تون، محبوب جو ٿي ويندين تہ دنيا و مافيها، ازخود تنهنجي ٿي ويندي.

جاهل ذوق سکن جو، عارف سور سهاءِ
سورن سندي ساءَ، راحت رسي روح کي

جاهل (معرفت جي اجزاء کان بي بهره افراد) جي حالت اها آهي، جو هو مادي لذت ۽ آسائش جي سامان جي طلب ۽ ڳولها ۾ مصروف آهن، جڏهن تہ عارفن کي تہ بس هڪڙو ئي ڏک لڳل آهي اهو، محبوب سان وصال جو غم آهي، اها، درد عشق جي بي تابي ئي آهي جيڪا سندن روح جي راحت ۽ سڪون جو سامان آهي.

هتي حضرت خواجا صاحب، هر ان ماڻهوءَ کي جاهلن جي قطار ۾ بيهاريو آهي جيڪي، الله تعاليٰ جي شان عظمت ۽ ان جي معرفت ۽ محبت کان محروم آهي، ربّ جي معرفت ۽ محبت کان محرومي هڪ نہ هزارين بيمارين جي پاڙ آهي، ربّ جي معرفت ۽ محبت کان محروميءَ جا انساني شخصيت ۽ معاشري تي جيڪي، هيبتناڪ اثرات ظاهر ٿين ٿا اهي اهڙا آهن، جن کي ڏسندي، هر انصاف پسند ماڻهو اهڙن ماڻهن کي جاهلن ۾ ڳڻڻ تي مجبور ٿي ويندو، ان جو سڀ



کان خراب اثر اهو ظاهر ٿئي ٿو جو الله تعاليٰ جي عظمت جي عدم مشاهدي جي وجہ سان، الله جي نعمتن جي شڪر ادائي ۽ شان ڪبريائي جي حامل، ان عظيم هستيءَ جي عبديت ۽ غلاميءَ جا آداب بجا آڻڻ ۽ ان جي سامهون، عاجزيءَ سان ڪنڌ نمائڻ جي توفيق ۽ سعادت حاصل نٿي ٿئي.

ٻيو وڏو نقصان اهو ٿئي ٿو جو ماڻهو انوار الاهيءَ کان محروميءَ جي سبب، نفسي قوتن جي سڃاڻپ کان قاصر رهجي وڃي ٿو سموري حياتي ۽ زندگيءَ جي هر موڙ تي هو، نفس جي بتن جي پوڄا ۾ مصروف رهي ٿو مصروفيت جي باوجود، (ان کي هن ڳالهہ جو ادراڪ ئي نٿو ٿئي تہ هو پنهنجي جان تي ڪيڏو ظلم ڪري رهيو آهي) رڳو علم ۽ عقل جي غرور ۾ مبتلا ٿيڻ سبب هو پاڻ کي حق تي سمجهي ٿو، ۽ پاڻ کي ٻين کان نيڪ ۽ پاڪباز سمجهي ٿو، اهو سندس نفس جو ڏوکو آهي ان جي نظر ۾، معاشري ۾ موجود، سڄو فساد ٻين جو ڦهلايل آهي. انهن خرابين کي ڏسندي معرفت جي اجزاء کان محروم افراد کي، جاهلن جي فهرست م شمار ڪرڻ، بلڪل درست آهي.

سڄڻ ڏٺو جن، تن ڏسڻ غير گناهہ
جنين لڌي راه، ويهڻ تنين وهہ ٿيو

جن، باطني اکين سان، محبوب جو مشاهدو ڪيو آهي (جيڪي محبوب جي تجلين مان فيضياب ٿيا آهن) انهن جي لاءِ (محبت جي نظر سان) ٻئي کي ڏسڻ گناه آهي. جيڪي، محبوب جي محبت جي راه کان، واقف ٿيا آهن انهن جي لاءِ، ذڪر و فڪر جي ذريعي حالت مشاهدي ۾ رهڻ کانسواءِ، ڪوچارو ناهي، ذڪر و فڪر کانسواءِ انهن جي لاءِ زندگي زهر ٻڻجي ويندي، (هي انهن سالڪن جي حالت جي نشاندهي آهي جيڪي، سلوڪ جي لاءِ مخصوص ٿي چڪا آهن، جيستائين انهن جو سلوڪ طئي نٿو ٿئي، ان وقت تائين، ذڪر جي

حالت ۾ رهڻ انهن لاءِ ايئن آهي جيئن مڇيءَ جي لاءِ پاڻي جيئن مڇي، پاڻيءَ کان سواءِ نٿي رهي سگهي تيئن، مبتدي ۾ متوسط، سالڪ، ذڪر ۾ مراقبي کان سواءِ، وجداني طور تي موت جي حالات سان دوچار ٿين ٿا، حضرت خواجا صاحب، هن بيت جي ذريعي، راه محبت جي هر سالڪ جي حالت جي، سهڻي نموني عڪاسي ڪئي آهي.

**جي محبت منجھ مئا سي مور نہ مرن ڪڏهين**
**من قتلتہ فانا ديتہ، وڏي ملھ ويا،**
**ان الدين عندالله الاسلام وجي موت وهاءِ**
**موتان اڳي ماءِ، اڳانهون اسلام ٿئو**

راه محبت ۾ مرڻ وارا ( شهيد آهن ) اهي هر گز نٿا مرن، جن کي مون قتل ڪيو آهي تن جي، ديت آئون پاڻ آهيان، جي مصداق اهي اوچي رتبي تي فائز ٿيا، بي شڪ الله تعاليٰ وٽ، دين اسلام ئي قابل قبول دين آهي، قرآن جي هن آيت جي مطابق، پنهن جي نفس کي فنا ڪريو ( نفساني خواهشن کي ماري ڇڏيو ) اسلام جي اصل منزل تہ، فناءِ نفس جي مقام کان پوءِ ئي شروع ٿئي ٿي، ڇو تہ، فناءِ نفس کان پهرين، سالڪ، نفس پرستيءَ جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل رهي ٿو راه سلوڪ ۾ مجاهدن جي ذريعي هو هن ڏبڻ مان نڪرڻ لاءِ پنهنجيون توانائيون خرچ ڪري ٿو ايئن آهستي آهستي هو نفس پرستيءَ جي ڏبڻ مان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو_ سلوڪ جو آخري مقام ئي، اها منزل آهي جتي نفس جون خواهشون پائمال ٿين ٿيون ۽ زندگيءَ جي هر معاملي ۾ محبوب جي رضا ئي، پيش نظر ۽ غالب رهي ٿي.

حضرت خواجا جي نظر ۾ جڏهن سالڪ جي، هر سرگرميءَ ۾ نفس جي جاءِ تي خدا مقصود بڻجي وڃي ٿو تہ، ٻيائي ختم ٿي وڃي ٿي، ۽ اسلامي شريعت عادت يا رسم بجاءِ، محبوب جي حقيقي محبت



۾ ارتقا جو ذريعو بڻجي ٿي، دين جو حقيقي مقصود محبت تائين رسائي آهي_

**لڳو واءُ وصال، جنين ساعت هيڪڙي**
**تن سا لڏي لال، جنهن لئہ جڳ خلقيو**

جن کي محبوب جي وصال جي، هڪڙي پل جي سعادت نصيب ٿي ( جيڪي، راه عشق جون منزلون طئي ڪري، وصال جي سعادت سان، بهره مند ٿيا، ) انهن کي اهي املھ موتي حاصل ٿيا، جنهن لاءِ هي جڳ خلقيو ويو آهي، ڪائنات جي تخليق جو مقصد، وماخلقت الجن والانس الا ليعبدون_

عبادت، معرفت جي معنيٰ ۾ ئي استعمال ٿيندي آهي، جڏهن ڪائنات جي خالق هستيءَ جي معرفت ( ڄاڻ يا سڃاڻپ ) حاصل ٿي ويندي تہ ان جي سامهون پاڻ ارپڻ، فنائيت جي لاءِ ازخود آمادگي پيدا ٿيندي ويندي، عاجزي، نوڙت ۽ فنائيت ئي اهڙي شئي آهي جيڪا ٻانهي جي دل ۾ جي پيدا ٿئي تہ، محبوب حقيقيءَ جي طرفان، ان جي قلب تي انوار جي برسات پوڻ لڳندي آهي، ان انوار جي بارش کي ئي روحاني اصطلاح ۾، وصال جي ڪيفيت چيو وڃي ٿو_

**عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو**
**جنت جا مشتاق، اجان اورانهان ٿيا**

( منتهي صوفيءَ جي قلبي حالت جي عڪاسي ڪندي چون ٿا )

عارفن ۽ عاشقن جو مقصود، محبوب حقيقيءَ جو مشاهدو آهي، جڏهن تہ، درد عشق جي ذريعي، نفسي قوتن کي گهٽي حد تائين پائمال ڪرڻ جي راه اختيار ڪرڻ کانسواءِ، عام ديندار ( پنهن جي نيڪين جي بدولت جنت جا خواهشمند آهن ) جنت جا اهي مشتاق محبوب کي مقصود بنائڻ وارن کان گهڻو پويان آهن. ( اگرچہ، جنت ۽ محبوب کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ ۽ جنت جي مشتاقن جي حيثت کي گهٽائڻ،

مناسب ڪونهي, ان ڪري قرآن شريف ۾ بار بار مؤمنن کي جنت جي خوشخبري ڏني وئي آهي, ۽ پنهن جن اکين سان رب تعاليٰ جي مشاهدي جي سعادت حاصل ٿيڻ واري جاءِ به. جنت ئي ٻڌائي وئي آهي, ان اعتبار سان جنت, مقصود ته نه آهي پر مقصود جو ذريعو ضرور آهي, ان ڪري مقصود جو ذريعو به اهميت جو حامل آهي_ عارف شاعر جي هن بيت ۾, محبوب حقيقيءَ کي مقصود بنائڻ بدران, جنت کي مقصود بنائڻ وارن جي لاءِ سبق پوشيده آهي.

**قالب جان ڪثيف, تان جاهه جاني نه مڙي**
**لوچي ٿيءُ لطيف, لهوارو لاهوت ڏي**

جيستائين جسم ڪثافت ۽ گندگيءَ سان پريل آهي بلڪ, جيستائين دل تي نفس جون ڪثافتون ۽ انجا اثرات موجود آهن ان وقت تائين محبوب جي مستقل معيت ۽ قلب تي ان جي انوار جو نزول ممڪن نه آهي, رياضتون ۽ مجاهدا ڪري نفسي قوتن کي پامال ڪري, پاڪيزه ۽ لطيف بناءِ ته محبوب تائين رسائي حاصل ٿئي, محبوب ۽ سالڪ جي درميان اصل رڪاوٽ ته, نفس جون حيواني قوتون ۽ ان جو وڌندڙ مادّي خواهشون آهن_

ذڪر جي ڪثرت ۽ مراقبن جي ذريعي, جيستائين اهي قوتون ڪمزور ٿي ختم نٿون ٿين تيستائين, سالڪ جو ٽڪائيندڙ سفر جاري رهي ٿو_ ۽ هن کي محبوب جي مستقل معيت حاصل نٿي ٿئي, اها معيت, نفس جي گهٽي حد تائين پامالي ۽ ان جي ڪثافتن جي صفائيءَ سان مشروط آهي_

**ٻڌ جاڳوٽا جوڳين, دونهين ڪي مَ دکاءِ**
**واذڪر ربک في نفسک, اندر آڳ جلاءِ**
**جن سڄڻ جي ساجاءِ تن ڪنياد ڪينيڪي**



( درويشيءَ جي نالي تي درويشن جهڙي شڪل و صورت ۽ لباس اختيار ڪرڻ وارن ماڻهن کي خبردار ڪندي, لکن ٿا ) درويشن جهڙي ظاهري صورت بنائڻ مان ڪجهه نه ورندو جيڪڏهن, حقيقي درويش بنجڻ چاهيو ٿا ته پنهنجي قلب ۾ پنهنجي ربّ جو ذڪر ڪريو, (قرآن پاڪ جي آيت ) پنهنجي دل کي, محبوب جي ذڪر سان منور ۽ آباد ڪريو اندر ۾ ڏئو ٻاريو ( روحاني اصطلاح ۾ ان کي مراقبو چئجي ٿو ) مراقبو محبوب حقيقيءَ جي انوار کي اخذ ڪرڻ, ارتڪاز قوت جي ذريعي ذهن ۽ دل جي حصن ۽ گوشن کي محبوب جي حسن مان فيضياب ۽ لذتياب ڪرڻ جو مؤثر طريقو آهي, جيڪي محبوب جي محبت سان لطف اندوز ٿيا, انهن جي دل, ٻي هر محبت کان خالي ٿي وڃي ٿي ۽ انهن جي لاءِ, هر اها شئي پرائي ٿي وڃي ٿي جيڪا, محبوب کان پري ڪرڻ جو موجب بڻجي ۽, محبوب جي تعليمات تي عمل ڪرڻ, سندن حياتيءَ جو مقصد بڻجي وڃي ٿو محبوب جو هر حڪم ۽ هر قانون, انهن جي لاءِ دستور_ العمل بڻجي وڃي ٿو.

**پرت ڇڏ پرڏيهه جي, ساڻيهه ڪر سنڀال,**
**لکن سندي لال, مڇڻ مفت وڃائين؟**

توکي ڪپي ته دنيا جي فڪرن کي, پنهن جي مٿان مسلط ٿيڻ نه ڏي( هن دنيا جو ئي ٿي نه رهجي وڃ, جو صبح کان رات تائين رڳو اها ڳڻتي هجي ته, نه ڄاڻ, حياتيءَ جا ڏينهن ڪيئن گذرندا ۽ بهتر روزي ۽ آسائش جو سامان به نصيب ٿيندو يا نه_ ؟ ) اها فڪر ڇڏي, پنهنجي اصلي ۽ دائمي وطن جي لاءِ تياريءَ جي فڪر ڪر, ( پوءِ توکي هن دنيا جي ضروريات جي لاءِ, مالڪ حقيقي ڪافي هوندو ) حديث پاڪ جي مطابق, جيڪو ٻانهو پاڻ تي هڪڙي ئي فڪر يعني, الله جي فڪر کي غالب ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ان جي سڀني ضرورتن جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي ٿو_ ڪٿي ايئن نه ٿئي جو ( حياتيءَ جا اهي

قيمتي پل ) جيڪي، املھ موتين مثل آهن انهن کي، ايئن ئي، مادّي حسن جي محبت ۽ نفس پروري ۾ ضايع ڪري ڇڏين جيڪڏهن پنهنجي حياتي، ايئن اجائي وڃائي ڇڏئي تہ اهو اهڙو خساري جو سئودو هوندو جو سڄي دنيا جو خزانو،فدئي طور ڏيڻ سان بہ ان جي تلافيءَ صورت پيدا نہ ٿيندي.

**جان سين پسين پاڻ، تانسين مهت مڙهي.**
**جو لٿو ايءُ گمان تہ، مڙهيائي مهت ٿي.**

جيستائين تنهنجي مٿان، خود پرستي جي حالت طاري آهي تيستائين، تنهنجو اصل معبود نفس ئي آهي، دينداري جون ظاهري رسمون ادا ڪرڻ ڪانپوءِ بہ تون، حرص وحسد ۽ مال ۽ شهرت جي چاهت، جهڙن نفساني بتن جي پوڄا ۾ مصروف آهين اهي بت تنهنجي لاءِ حقيقي معبود تائين رسائي جي راه ۾ رڪاوٽ آهن هن صورت ۾، تنهنجي لاءِ، مسجد ۾ عبادت بہ مندر ۾ عبادت جي مثل آهي، چاڪاڻ تہ اهڙي نماز توکي عملي زندگيءَ ۾ حريصا نہ ۽ رقيبانہ ڪوشش ۽ الله جي مخلوق کي پنهن جي نفس جي شرارتن کان روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندي، جڏهن خود پرستيءَ جو بت پڄي پورا ٿيندو، نفس جو قوتون پامال ٿينديون تہ مندر ۾ بہ تنهنجي عبادت، محض الله تعاليٰ جي لاءِ هوندي ( هتي شاعر، جيڪو مسجد ۽ مندر جو مثال ڏنو آهي اهو اسلامي شريعت جي نقطئہ نگاه سان، ڪنهن بہ طرح درست نہ آهي ).

**آءٌ ان ڏينهان سڪان سپرين کي**
**جيئن اوڏا ٿيا ان کي، آدم ۽ حوا،**
**محب مڙندم ماءِ، شال موٽي ماڳيتي ٿيان.**



( هتي شاعر، سچي عاشق جي دلي جذبات جي ترجماني ڪندي چون ٿا ) آئون ان ڏينهن کان، محبوب جي مشاهدي جي لاءِ بيچين آهيان جڏهن، الله تعاليٰ آدم ۽ حوا کي مادّي جسم ۽ وجود عطا ڪري پنهنجي مشاهدي جي جنت مان جدا ڪيو ۽ دنيا جي قيد خاني ۾ موڪليو ان کان پهرين، عالم امر ۾ محبوب جي مشاهدي جي وجہ سان سڪنيت جو لازوال ڪيفيات حاصل هيون هاڻي، ان مشاهدي جي لاءِ تڙپان ٿو ۽ روح، ان منظر کي ڏسڻ لاءِ بيتاب آهي دل کي ڪنهن طرح چين نٿو اچي پر مون کي يقين آهي تہ محبوب، مون کي پنهنجي وصال جي دولت عظميٰ ضرور عطا فرمائيندا، ۽ آئون ٻيهر محبوب جي مشاهدي جي منزل تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندس.

**اڏري عقل ڇڏئو نٿي شرم ناهہ**
**الايمان عريان، لباسہ التقويٰ ننگ ناموس ڪانءِ**
**الربا حرام ويتر سڀ وڃاءِ**
**ڪل محدثہ بدعہ، بدعت بدن پانءِ**
**لوچہ ٿئين ٿانءِ، اصل اوڏو ئي ٿيو.**

( عقليت سان سرشار ) هن نادان، عقل تان هٿ کنيو عقل کي دل جي حوالي ڪرڻ جي نتيجي ۾ هاڻي، هن ناسمجھ تي معرفت جا جيڪي، راز کليا آهن، تنهن سان سندس حالت سڌري آهي هاڻي هن کي پنهنجي هن حالت يعني عقليت جي فضائن ۾ پرواز کان دستبردار ٿيڻ ۽ دل جي روحاني فضائن ۾ پرواز ڪرڻ ۾ ڪوبہ شرم نٿو محسوس ٿيئي، ”ايمان عريان آهي ۽ تقويٰ انجو لباس آهي.“ جي مصداق، عزت و ناموس کي باھہ جي اوڙاھہ ۾ وجھہ، وياج حرام آهي، جي حڪم مطابق، گهرج کان وڌيڪ هر شئي تان هٿ کڻي ڇڏ، هر

نيئن شئي بدعت آهي جي حڪم جي مطابق پنهنجي جسم وجان جي وڌندڙ نون نون تقاضن ۽ مطالبن کي بہ بدعت سمجهہ. سستي ۽ غفلت کي ڇڏي، محبوب حقيقي جي لاءِ رياضتون ۽ مجاهدا ڪر تہ جيئن، توکي وصال جي منزل حاصل ٿئي محبوب تائين رسائي جي راه ۾ رڪاوٽون غير ۽ خارجي قوتون ناهن. بلڪ تون پاڻ کي رڪاوٽ سمجهہ، هن راه ۾ تنهنجي خود سري رڪاوٽ آهي. ان کي مٽاءِ تہ محبوب کي پنهنجي سامهون لهندين.

**آهي عشاقن جو مذهب مشتاقن**
**جي ڪڏهين ڪين پسن هينئن سين هو تن ري،**

سچي عاشقن جو مقصود، محبوب حقيقيءَ جو مشاهدو آهي، اهي ان مشاهدي جائي مشتاق آهن سندن، دل جون اکيون اهڙي طرح سجاڳ رهن ٿيون جو هو هر وقت، محبوب جي مشاهدي ۾ مستغرق رهن ٿيون، هن دنيا ۾ انهن اکين سان محبوب جو مشاهدو ممڪن نہ آهي، پر دل، محبوب جي انوار حسن سان فيضياب ٿيندي ان جي، سڀ کان وڏي علامت اها آهي جو دل، سڪون ۽ سڪينيت سان سرشار ٿي وڃي ٿي، الله ڪانسواءِ سڀئي مقصود فنا ٿي وڃن ٿا ۽ دل ۾، دنيا ۽ ان جي سامان جي، ڪا اهميت باقي نٿي رهي.

**تيسن تون نہ فقير، جيسن سانگ سسيءَ جو**
**ماڻيئو تن ملير، جن جسو مال مباح ڪيو.**

تون ان وقت تائين ڪامل فقير، ۽ صوفي نٿو بڻجي سگهين، جيستائين توکي، دل ۽ جان جي ڳڻتي لا حق آهي_

محبوب تائين رسائي جي منزل انهن کي ملي جن، هن راه ۾ پنهنجي جان ومال ۽ هر شئي، قربان ڪئي، سالڪ جڏهن دنيا جي هر شئي کان بنياز ٿي، ڏٽي تعاليٰ سان دل لڳائي ٿو مجاهدن ۾ مصروف



ٿئي ٿو ۽ پنهنجيون سڀ توانائيون، محبوب جي لاءِ وقف ڪري ٿو تہ ان راه تي مسلسل هلندو رهڻ سان آخر ڪار هڪ اهڙو وقت اچي ٿو جڏهن محبوب هنجي دل جي اونهاين ۾ وسڻ لڳي ٿو ۽ هاڻي هو هر وقت، محبوب جي انوار حسن مان لطف اندوز ٿئي ٿو. محبوب جي انوار مان هر دم، فيضيابي جي اها سعادت اهڙي آهي جو ان کي سالڪ ٻنهي جهانن جي سعادت سمجهڻ لڳي ٿو_ جيتوڻيڪ اها سعادت عظميٰ، ربّ تعاليٰ جي خاص فضل جو نتيجو هجي ٿي پر، بظاهر ان جو سبب، سالڪ جا ٿڪائيندڙ مجاهدا ۽ سخت رياضتون ئي نظر اچن ٿيون_

**نڪين اوڏو اک کي، نڪين نظران ڏور**
**وڃان ايئن وهلور، جيئن ڏنوئي اڻ ڏيٺ ۾.**

محبوب نہ تہ نظرن جي سامهون ۽ نہ ئي نظرن کان پري آهي ( محبوب ايڏي شان وعظمت واري هستي آهي جو هن دنيا ۾ انهن مادي اکين سان ان جو مشاهدو ممڪن ڪونهي ) البتہ دل جي اکين سان، محبوب جي انوار سان سر شار ٿي مشاهدي جهڙي لطف سان محظوظ ٿي سگهجي ٿو_ بس انهي حيرانيءَ ۾ آهيان تہ آئون، جيڪو ڪجهہ ڏسان ٿو ڇا، اهو حقيقت بہ آهي يا نہ ؟